REG NO. 3833

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اڱارو 05 مارچ 2024 ع بمطابق 23 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 280

سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن جي درخواست رد، پي ٽي آءِ جو مخصوص سيٽون نه ڏيڻ تي عدالت وڃڻ جو اعلان

چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به ان عهدي تي نه رهڻ گهرجي، ان فيصلي ڪانپوءِ صدارتي ۽ سينيٽ چونڊون اسان کي منظور نه هونديون، اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي چئلينج ڪنداسين: علي ظفر

اسان اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي هئي ته وزارت عظميٰ جي اليڪشن کان اڳ مخصوص سيٽن بابت فيصلو ڪري، آرٽيڪل 51 موجب جيتريون سيٽون کٽيون آهن، انهن موجب مخصوص سيٽون ملنديون

اڄ اليڪشن ڪميشن اعلان ڪيو ته اهي سيٽون اسان کي نه پيا ڏين، شايد اليڪشن ڪميشن اهو مخصوص سيٽون ٻين جماعتن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

فيصلي سان ظاهر ٿي ويو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي فرضن جي ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به عهدي تي نه رهڻ گهرجي

مخصوص سيٽن بابت جيستائين عدليا جو حتمي فيصلو نٿو اچي، تيستائين سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ نٿي ٿي سگهي، مطالبو ٿا ڪيون ته سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ ملتوي ڪئي وڃي

اسلام آباد(م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن جي درخواست رد ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن سني اتحاد ڪائونسل جي درخواستن تي محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن 1_4 جي شرح سان فيصلو جاري ڪيو پنجاب جي ميمبر بابر حسن ڀروانا اختلافي نوٽ لکيو اليڪشن ڪميشن سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بلاول جو چيف جسٽس جي سربراهي ۾ نوَمئي واقعن جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جو مطالبو

ڪجهه ڏينهن اڳ محمود اڇڪزئي چئي رهيو هو ته ٺهراءُ پاس ڪيو ته سياست ۾ مداخلت نه ٿئي، اوهان جيترا به ٺهراءُ پاس ڪريو جيستائين سياستدان پاڻ هڪٻئي جي عزت نه ڪندا ته ڀيو ڪوئي به نه ڪندو: بلاول ڀٽو زرداري

مون ٻڌو آهي ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير نوَمئي واقعن بابت جاچ جو مطالبو ڪيو آهي، وڏو وزير ان ڳالهه جي خاطري ڪرائي ته انڪوائري جي فيصلي کي قبول ڪندو ته مان سندس حمايت ڪيان ٿو

سائفر جي حوالي سان ڳالهيون ٿيون ۽ ڀٽو صاحب سان ڀيٽ ڪئي وئي، ڀٽو صاحب چيو هو ته سيني ۾ ملڪي راز ڪٺي هليو ويندس، عمران خان جي گرفتاري جي ٻئي ڏينهن سائفر هڪ پرڏيهي خبرواداري ۾ ڇپجي ويو

سائفر جي جاچ ٿيڻ گهرجي، آئين سيني لاءِ آهي، جيڪڏهن ڪو به آئين جي ڀڃڪڙي ڪري ته ان کي سزا ملڻ کپي، مان ان جو ڏوهتو آهيان جنهن ڦاهي قبول ڪئي پر پنهنجي اصولن تي سوديبازي نه ڪئي

پاڪستان جي عوام اهڙو فيصلو ٻڌايو آهي جو اوهان کي مجبورن گڏجي فيصلا ڪرڻا پوندا، پاڪستان جو عوام پيغام ڏئي رهيو آهي ته هو اسان جي ذاتي تڪرارن مان بيزار ٿي چڪا آهن

عوام غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري مان تنگ ٿي چڪا آهن، عوام ڪنهن هڪ پارٽي کي اڪثريت نه ڏني، عوام ان لاءِ ووٽ ناهي ڏنو ته هتي اچي گاريون ڏيو: قومي اسيمبليءَ ۾ ڳالهيون

اسلام آباد(م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيف جسٽس جي سربراهي ۾ نوَمئي واقعن جي عدالتي جاچ لاءِ ڪميشن جوڙڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران پنهنجي خطاب ۾ بلاول ڀٽو چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ محمود اڇڪزئي چئي رهيو هو ته ٺهراءُ پاس ڪيو ته سياست ۾ مداخلت نه ٿئي، اوهان جيترا به ٺهراءُ پاس ڪريو جيستائين سياستدان پاڻ هڪٻئي جي عزت نه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

آرمي چيف ۽ بلاول جي خوشگوار موڊ ۾ ملاقات، صدارتي اميدوار آصف زرداري به ڀويان مسڪرائيندي نظر آيو

اسلام آباد (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي ايوان صدر اسلام آباد ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي حلف برداري تقريب تي، جنهن ۾ نگران وزيراعظم، سينيٽ چيئرمين، قومي اسيمبلي اسپيڪر، ن ليگ قائد نواز شريف، اڳوڻي صدر آصف زرداري، چئني گورنرن، چئني وڏن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: پنجاب ۽ سنڌ جا وڏا وزير وزيراعظم جي حلف برداري تقريب ۾ شريڪ آهن

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري آرمي چيف جنرل عاصم منير سان ملاقات ڪندي

بلوچستان ۾ اسان سياسي نه جنگي قيدي آهيون: اختر مينگل

مون سمجهو ته وزيراعظم رياستي ادارن ۾ قيد صحافين جي آزاديءَ جو اعلان ڪندو

گوادر جنهن کي پاڪستان جي ترقيءَ جو جُهومر چيو ويندو آهي اهو ٻڏي ويو آهي



اسلام آباد(م ڊ) بي اين پي سربراهه اختر مينگل صحافين ۽ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو ڪري ڇڏيو قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران بلوچستان نيشنل پارٽي جي سربراهه اختر مينگل صحافين ۽ سياسي قيدين جي آزاديءَ جو مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مريم نواز پنجاب ۾ پهريون مفت ڪينسر اسپتال ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

هن ڪينسر اسپتال جي سائيٽ جو جائزو ورتو، دنيا مان بهترين اسپيشلسٽ ڊاڪٽر گهرائڻ جي هدايت جاري

ڪينسر جي مريضن لاءِ سرڪاري ڪينسر اسپتال ٺاهينداسين جتي بهترين ڊاڪٽر ۽ جديد ترين مشينري آندي ويندي: مريم

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز مريضن جي سار سنڀال اينڊز سندن وارثن جي لاءِ هوٽل ٺاهڻ جي به هدايت ڪري ڇڏي

پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ويلنشيا ٽائون جي پرسان پنجاب جو پهريون مفت سرڪاري ڪينسر اسپتال ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل پڌرائي موجب پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز کي ڪينسر اسپتال جي سائيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

صدارتي چونڊون، آصف زرداري جو خالد مقبول سان رابطو

صدارتي چونڊن، سياسي صورتحال ۽ سنڌ جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه

آصف زرداري ايم ڪيو ايم کان ووٽ جي درخواست ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) صدارتي چونڊن ۾ ووٽ واري معاملي پيپلزپارٽيءَ جي نامزد اميدوار آصف علي زرداري ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه خالد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدارتي چونڊ لاءِ آصف زرداري ۽ محمود خان اڇڪزئي جا نامزدگي فارم منظور

اسلام آباد (م ڊ) پيپلزپارٽي جي صدارتي اميدوار آصف علي زرداري ۽ سني اتحاد ڪائونسل جي اميدوار محمود خان اڇڪزئي جا نامزدگي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ايم ڪيو ايم کي ٻه وزارتون ڏيڻ جو معاملو طئي ٿي ويو

پورٽ اينڊ شپنگ ۽ آءِ ٽي جي وزارت ڏيڻ جي خاطري ڪرائي وئي

ايم ڪيو ايم رابطا ڪميٽي جي صلاح مشوري ڪانپوءِ ٻنهي وزيرن جا نالا ڏيندي

ڪراچي(م ڊ) ايم ڪيو ايم پاڪستان کي وفاقي ڪابينا جي پهرين مرحلي ۾ ٻه وزارتون ڏيڻ جو معاملو طئي ٿي ويو. ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪمران جماعت ن ليگ. ايم ڪيو ايم جي خواهش تي ان کي پورٽ اينڊ شپنگ ۽ آءِ ٽي جي وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

شهباز شريف وزيراعظم جي عهدي جو قسم کڻي ورتو، گارڊ آف آنر پيش

حلف برداري جي پروقار تقريب ايوان صدر ۾ ٿي، صدر عارف علوي نئين چونڊيل وزيراعظم کان حلف ورتو

تقريب ۾ آرمي چيف، نواز شريف، آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، انوارالحق ڪاڪڙ، صادق سنجراڻي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

وزيراعظم گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو، وزيراعظم شهباز شريف سان وزيراعظم آفيس جي عملي جو تعارف پڻ ڪرايو ويو



اسلام آباد: صدر عارف علوي وزيراعظم شهباز شريف کان حلف وٺندي

اسلام آباد (م ڊ) نئين چونڊيل وزيراعظم محمد شهباز شريف وزارت عظميٰ جي عهدي جو حلف کڻي ورتو صدر ڊاڪٽر عارف علوي کانئس حلف ورتو حلف برداري جي پروقار تقريب ايوان صدر ۾ ٿي تقريب ۾ عهدو ڇڏيندڙ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ، سينيٽ چيئرمين محمد صادق سنجراڻي، قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، پنجاب جي گورنر انجنيئر بليغ الرحمان، بلوچستان جي گورنر عبدالولي خان ڪاڪڙ، خيبرپختونخواهه جي گورنر حاجي غلام محمد، سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري، پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مقررين، بدلين، ترقياتي منصوبن ۽ ڀرتين تان پابندي ختم

نگران حڪومتن جو مدو مڪمل ٿيڻ تي پابندي ڪنئي پئي وڃي: اليڪشن ڪميشن

چونڊيل حڪومتون پنهنجا معمول جا معاملا انجام ڏئي سگهن ٿيون

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ٽرانسفر، پوسٽنگ، ترقياتي منصوبن ۽ ڀرتين تي لاڳو پابندي ختم ڪري ڇڏي، اليڪشن ڪميشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڀٽو ڦاهي ڪيس، سپريم ڪورٽ فيصلو محفوظ ڪري ورتو

چيف جسٽس جي سربراهي ۾ نوَ رڪني لارجر بئنچ صدارتي ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي

صنم ڀٽو، آصفا ڀٽو ۽ بختاور ڀٽو طرفان رضا رباني دليل ڏنا، عدالت فيصلو محفوظ ڪري ورتو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي خلاف صدارتي ريفرنس تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو. چيف جسٽس قاضي فائزعيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي نوَ رڪني لارجر بئنچ صدارتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

محمود خان اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپو، قومي اسيمبلي ميمبرن جي مذمت، جاچ جو مطالبو

محمود خان اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپو فاشزم جي انتها آهي، مذمت ڪيون ٿا، ڪاروائي افسوسناڪ آهي: عمر ايوب

اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپو هٽي صدارتي چونڊن کي بنا جواز جي تڪراري بڻائيو پيو وڃي، وزيراعظم ايڪشن وٺي: بلاول ڀٽو زرداري

توهان سينيئر سياستدان آهيو، ذاتيات تي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو: اسپيڪر اياز صادق جو محمود خان اڇڪزئي کي مشورو

اسلام آباد (م ڊ) محمود خان اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپي جي قومي اسيمبلي ميمبرز طرفان مذمت ڪئي وئي آهي، جاچ جو مطالبو ڪيو ويو پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر ايوب چيو ته گذريل رات پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي سربراهه محمود خان اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپو فاشزم جي انتها آهي، مذمت ڪيون ٿا، هن چيو ته محمود خان اڪزئي جي گهر جيڪا ڪارروائي ڪئي وئي اها افسوسناڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

صدارتي اميدوار محمود خان اڇڪزئي جي ڪوئيٽا واري گهر ۽ آفيسن تي ڇاپا

قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪانپوءِ محمود خان اڇڪزئي جي گهر ۽ آفيسن تي ڇاپا هنيا ويا: رحيم زيارتوال

وزيراعظم ۽ بلوچستان جي وڏي وزير اقتدار سنڀالڻ شرط جمهوريت جو پهريون تحفو ڏنو آهي

پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي جي ڪارڪنن جا ڪاروبار به سيل ڪيا پيا وڃن: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪوئيٽا (م ڊ) سني اتحاد ڪائونسل جي نامزد صدارتي اميدوار محمود خان اڇڪزئي جي ڪوئيٽا واري گهر ۽ آفيسن تي ڇاپا، محمود خان اڇڪزئي جي ڀيٽ اسل خان جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا، پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي جي اڳواڻ رحيم زيارتوال جو چوڻ آهي ته قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪانپوءِ محمود خان اڇڪزئي جي گهر ۽ آفيسن تي ڇاپا هنيا ويا، پشتونخواهه ملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عورت مارچ روڪرائڻ لاءِ درخواست نه ٻڌڻي جوڳي قرار

شهري اعظم بٽ درخواست ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاهور سميت ٻين کي ڌر بڻايو

عورت مارچ جا ڪارڊ ۽ بئنر اسلامي معاشري ۾ قبول ناهن: درخواستگذار

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ عورت مارچ روڪرائڻ لاءِ داخل درخواست نه ٻڌڻي جوڳي قرار ڏئي خارج ڪري ڇڏي، عدالت درخواست ٻڌڻي جوڳي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي جي ضلعي حڪومت مضبوط ڪرڻ بابت آئيني ترميم ٿيڻ گهرجي: خواجا آصف

جيڪڏهن ٽي وڏيون جماعتون ڪابينا جو حصو بڻجي ويون ته ذميواريون ورهائجي وينديون

ٽن وڏن صوبن مان سياسي جماعتون هونديون ته ڪابينا سٺي ٿي ويندي، ڪابينا جو سائز وڏو نه هجڻ گهرجي

10 کان 12 وزارتون صوبن کي منتقل ڪرڻ جي بلاول جي تجويز جي حمايت ڪيان ٿو: صحافين سان ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ خواجا آصف چيو آهي ته پ پ جو ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ سٺو سٺوڻ هوندو، ذميواريون ورهائجي وينديون، ڪراچي جي ضلعي حڪومت مضبوط ڪرڻ بابت آئيني ترميم ٿيڻ گهرجي، پارليامينٽ هائوس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

پاڪستان ريلوي جي 8 مهينن ۾ رڪارڊ آمدني

رڳو 8 مهينن ۾ 50 ارب رپيا ڪمايا، گذريل سال آمدني 32 ارب هئي

مالي سال جي پڄاڻي تائين ريلويز کي 80 ارب تائين آمدني جو امڪان آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان ريلوي رڳو 8 مهينن ۾ 50 ارب رپيا ڪمائي ورتا. جڏهن ته گذريل سال ريلوي جي آمدني 32 ارب رپيا هئي. سي اي او ريلوي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سني اتحاد ڪائونسل پاران عمر ايوب کي مخالف ڌر جو اڳواڻ بنائڻ جو فيصلو، عمران خان منظوري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) سني اتحاد ڪائونسل قومي اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ لاءِ عمر ايوب جو نالو فائنل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب پاڪستان تحريڪ انصاف پي ٽي آءِ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري عمر ايوب کي اپوزيشن اڳواڻ بنائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، عمر ايوب وزيراعظم جي عهدي لاءِ به سني اتحاد ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز گرلز اسڪول جي دوري دوران شاگردياڻين سان ڳالهائيندي

راولپنڊي: اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي اسڪول ۾ اسٽال جو دورو ڪندي

سينيٽ چيئرمين کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

صادق سنجراڻي ايم پي اي طور چونڊيو آهي، اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو

سنجراڻي هڪ ئي وقت 2 سيٽون نٿو رکي سگهي ۽ غيرقانوني طور تي سينيٽ چيئرمين طور ڪم ڪري رهيو آهي

اليڪشن ڪميشن صادق سنجراڻي کي بطور سينيٽر سيٽ خالي قرار ڏيڻ جو حڪم ڏئي: درخواست ۾ استدعا

لاهور (م ڊ) سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي کي عهدي تان هٽائڻ جي لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي آهي، درخواست مقامي شهري مشڪور حسين نذير سرور ايڊووڪيٽ جي ذريعي داخل ڪئي جنهن ۾ صادق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران گريڊ هڪ کان 15 تائين ملازمتن تي پابندي برقرار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ صوبي ۾ گريڊ هڪ کان 15 تائين ملازمتن تي پابندي برقرار رکي آهي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ سرڪاري کاتن ۾ ملازمتن تي پابندي لاءِ ايم ڪيو ايم جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن سلسلي ۾ بئريسٽر فروغ نسيم عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت سرڪاري کاتن ۾ ملازمتن تي لاڳو پابندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گلگت: برفباري کان پوءِ بند ٿي ويل رستي کي صاف ڪيو پيو وڃي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو گم ٿيل شهرين جون تصويرون سوشل ميڊيا ۾ شايع ڪرڻ جو حڪم

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران ڪيترين ئي گم ٿيل ماڻهن جا وارث ۽ وڪيل عدالت پيش نه ٿيا

گم ٿيل شهرين جي ڳولا لاءِ حراستي ادارن ۽ ٻين ادارن کي خط لکيا آهن ۽ جي آءِ ٽيز جا سيشنز به ڪيا آهن: جاچ آفيسر

عدالت گم ٿيل شهرين جون تصويرون سوشل ميڊيا ۾ شايع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو، اڳيرائي رپورٽ طلب

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ 10 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي ملتوي، سنڌ هاءِ ڪورٽ هڪ ناري سميت 10 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي ڇهن هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي دوران ڪيترين ئي گم ٿيل ماڻهن جا وارث ۽ وڪيل عدالت پيش نه ٿيا، جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جاچ آفيسر کان پڇائو ڪيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڏيئي ويجهو ڳوٺ ۾ باهه، ست گهر سڙي رک

ڳوٺ ڪانديرو ريباري ۾ باهه لڳڻ سبب ڪيترائي گهر سڙي ويا

ڪراچي (م ڊ) ڏيئي ويجهو ڳوٺ ڪانديرو ريباري ۾ باهه لڳڻ سبب ڪيترائي گهر سڙي ويا. باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ڏنو ريباري، ميگهو ريباري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

نالي اڳيان ڀٽو لکڻ سان ڪير ڀٽو ناهي بڻجي ويندو: بئريسٽر گوهر

سائفر هڪ حقيقت آهي ۽ جنهن حڪومت ختم ڪئي ان جو ٽرائل ٿيڻ گهرجي

بلاول ناني جي سياست دفن ڪري ڇڏي آهي، اِهي هار ڪيڏانهن ويا جيڪي سوئس ۾ پيا هئا؟

هن کي جمهوريت ۽ حقن تي ايترو کي تڪبر آهي ته اسان جون عورتون جيل ويون ته ڇا هن لفظي مذمت ڪئي؟



اسلام آباد(م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته سائفر هڪ حقيقت آهي ۽ جنهن حڪومت ختم ڪئي ان جو ٽرائل ٿيڻ گهرجي. قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران خيالن جو اظهار بئريسٽر گوهر پ پ چيئرمين کي تنقيد جو نشانو بڻايو هن چيو ته هن ناني جي سياست دفن ڪري ڇڏي آهي. پنهنجي ناني سان گڏ ڀٽو لکڻ سان ڪير ڀٽو ناهي بڻجي ويندو. اِهي هار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستان ۾ رمضان المبارڪ چنڊ 11 مارچ تي واضح طور ڏسي سگهجي ٿو: موسمي تجزئي نگار

ڪراچي (رپورٽر) سڄي دنيا ۾ رمضان المبارڪ جي شروعات ۾ ٻن هفتن کان به گهٽ وقت رهجي ويو آهي ۽ هاڻ ڪان ئي گهرن ۾ مقدس مهيني جي تيارين جي شروعات ٿي وئي آهي. موسمي تجزئي نگار جواد ميمڻ موجب جيوٽيڪ رمضان المبارڪ جو چنڊ 10 مارچ تي پيدا ٿيندو پر ان وقت نظر نه ايندو، چنڊ 11 مارچ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

آءِ ايم ايف جو دوائن، پيٽروليم ۽ ٻين ڪيترين ئي شين تي 18 سيڪڙو جي ايس ٽي لڳائڻ جو مطالبو

جي ايس ٽي جي شرحن کي معقول بنائڻ سان گڏيل ملڪي پيداوار جو 13 سيڪڙو منافعو حاصل ٿي سگهي ٿو: آءِ ايم ايف

سيلز ٽيڪس جي آئين شيڊول جي تحت ٽيڪس جي گهٽ ڪيل شرح کي ختم ڪرڻ تي روشني وڌي وئي

برآمدي شين کان علاوه سمورا زيرو ريٽنگ ختم ڪرڻ، صرف رهائشي ملڪيتن جي فراهمي تائين ڇوٽ کي محدود ڪرڻ جو مطالبو

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) پاڪستان جي حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته خوراڪ، دوائن، پيٽروليم شين ۽ اسٽيشنري سميت ٻين ڪيترين ئي شين تي 18 سيڪڙو جي ايس ٽي لڳايو وڃي، تفصيل موجب عالمي مالياتي فنڊ(آءِ ايم ايف) ايف بي آر کي ڪيترين ئي شين تي جنرل سيلز ٽيڪس 18 سيڪڙو جي معياري شرح ۾ آڻڻ جي سفارش ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: شاهه لطيف ٽائون ۾ ڪنوار پسٽل جي گولي کائي ويئي

پيٽ ۾ سُور جي شڪايت تي عورت کي جناح اسپتال نيو ويو

گهرواري پوڳن ۾ گولي وات ۾ رکي، جيڪا اندر هلي وئي: مڙس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي شاهه لطيف ٽائون ۾ عورت پسٽل جي گولي کائي وئي. پوليس موجب پيٽ ۾ سُور جي شڪايت تي عورت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

وزيراعظم جي هدايت تي ايف بي آر ايڪسپورٽرز کي 65 ارب رپين جا ريفنڊز جاري ڪري ڇڏيا

ايف بي آر 23 مارچ 2024 تائين سمورا ريفنڊز جاري ڪري ڇڏيا، نئين چونڊيل وزيراعظم جي هدايت ڪانپوءِ ريفنڊز جاري ڪيا ويا: ايف بي آر

گذريل ڏينهن نئين چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب دوران ريفنڊز جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي

ريفنڊز جاري ڪرڻ سان ناڻي متاسڻا ذخيرن ۾ واڌ ٿيندي: ايف بي آر جي پڌرائي

اسلام آباد (م ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) ايڪسپورٽرز کي 65 ارب رپين جا ريفنڊز جاري ڪري ڇڏيا. ايف بي آر جي پڌرائيءَ موجب ايف بي آر 23 مارچ 2024 تائين سمورا ريفنڊز جاري ڪري ڇڏيا. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته نئين چونڊيل وزيراعظم جي هدايت ڪانپوءِ ريفنڊز جاري ڪيا ويا. گذريل ڏينهن نئين چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف قومي اسيمبلي ۾ خطاب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن ڊالر 7 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 279 رپين 26 پئسن جو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ ۾ اڄ پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ ڊالر مهانگو ٿي ويو. انٽر بئنڪ ۾ نئين ڪاروباري هفتي جي پهرئين ڏينهن ڊالر 7 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 279 رپين 26 پئسن جو ٿي ويو انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڪاروباري سيشن ۾ ڊالر 279 رپين 19 پئسن تي بند ٿيو هو انٽر بئنڪ ۾ اڄ پاڪستاني رپئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي جو چيئرمين پروگرام ۾ ڳالهائيندي

پيپلزپارٽي اسحاق ڊار کي ناڻي وارو وزير بنائڻ تي راضپو ظاهر ڪري ڇڏيو

نواز ليگ کي اختيار آهي ته هو ڪنهن کي پنهنجي ڪابينه ۾ شامل ڪري ٿي: پ پ اڳواڻ

ڪڏهن به ڪنهن شخص تي ڪو به اعتراض ناهي اٿاريو البته پاليسين تي اعتراض ڪيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلزپارٽي مسلم ليگ(ن) جي سينئر اڳواڻ سينيٽر اسحاق ڊار کي ناڻي واري وزارت جون ذميواريون ڏيڻ تي راضپو ظاهر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

تُرڪ صدر جي شهباز شريف کي ٻيون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ تي مبارڪباد

شهباز شريف جي وزيراعظم چونڊجڻ تي خوشي ٿي آهي: طيب اردوان

لاهور (م ڊ) تُرڪ صدر طيب اردوان شهباز شريف کي ٻيون ڀيرو وزيراعظم بڻجڻ تي فون ڪري مبارڪباد پيش ڪئي آهي. صدر طيب اردوان شهباز/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عالمي بئنڪ جي وفد جو ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جو دورو، تفصيلي معائنو ڪيو

سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان وفد کي پمپنگ اسٽيشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

ڌابيجي پمپنگ کان شهر کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

وفد کي فور منصوبي جي ان ٽيڪ پوائنٽ ڇليا ٺٽو جو دورو ڪري منصوبي تي هلندڙ پيش رفت ۽ جاري ڪمن جو تفصيل جائزو پڻ ورتو

ڪراچي (پ ر) عالمي بئنڪ جي وفد ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جو دورو ڪري پمپنگ اسٽيشن جو تفصيلي معائنو. ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب عالمي بئنڪ جي وفد ۾ گلوبل ڊائريڪٽر سروج ڪمار جها، واٽسن جي سينيئر ماهر خيري الجمال، پريڪٽس مئنيجر جوسز موگابي، سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان، پي ڊي ڪي ڊبليو ايس ايس آءِ پي عثمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: عالمي بئنڪ جي وفد ڌابيجي پمپنگ اسٽيشن جو معائنو ڪندي

ڪراچي: منشيات فروشي ۽ ڀتي خوري ۾ ملوث پوليس آفيسر گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) پوليس اختيارين منشيات فروشي ۽ ڀتي خوري ۾ ملوث حاضر سروس پوليس آفيسر کي گرفتار ڪري ورتو ڪراچي سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي منشيات فروشي ۽ ڀتي خوري ۾ ملوث پوليس آفيسر کي گرفتار ڪيو پوليس اختيارين موجب جوابدار اي ايس آءِ عمران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪنڌڪوٽ پرسان هٿيار بندن هٿان پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا اغوا، انگ 7 ٿي ويو، خوف ۽ هراس

هٿيار بند ڳوٺ مغل خان سهرياڻي جي رهائشي پيءُ پٽ سميت ٽي ماڻهو اغوا ڪري فرار ٿي ويا

اغوا واري جڳهه تي سهرياڻي برادري جا سوين ماڻهو جمع ٿي ويا، مغوين جو انگ وڌي ست ٿي ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر: جنيد غالب بلوچ) ڪنڌ ڪوٽ ۽ ٽي ماڻهو اغوا ڪنڌ ڪوٽ بي جي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ مغل خان سهرياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ علي آباد ۾ لاشاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورت مارجي وئي

زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ عورت 25 ساله سعيده مارجي وئي

قل پوليس واقعي واري جاءِ تي پهچي مقتولا عورت جو لاش ڪڻائي سول اسپتال نوشهروفيروز پهچايو

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ علي آباد ۾ لاشاري برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ابراهيم حيدري پرسان سرڪاري پرائمري ۽ لوئر سيڪنڊري اسڪول جا ڇاپڙ ڪري پيا

عمارتن جي مرمت نه ٿيڻ سبب شاگردن شاگرديائين استادن جون زندگيون خطري ۾ آهن

دائود عثمان جت ڳوٺ جي سرڪاري پرائمري ۽ لوئر سيڪنڊري اسڪول جي مرمت نه ٿي

مليرا (د - ر) ابراهيم حيدري پرسان سمنڊ ڪناري سرڪاري پرائمري ۽ لوئر سيڪنڊري اسڪول جا ڇاپڙ ڪري پيا، شاگرديائين ۾ پاڄ پيئجي وئي، عمارتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز ۾ باب العلم فائونڊيشن يوڪي جي سهڪار سان 21 جوڙن جي شادي تقريب

تنظيم شديد برسات واري دور کان وٺي پاڪستان سميت پوري دنيا ۾ ڪم ڪري رهي آهي: اڳواڻ

ضلعن ۾ 2500 کان وڌيڪ گهر تعمير ڪرائڻ 700 نلڪا لڳرائڻ سميت اهم معاملن تي ڪم ڪري رهيا

معياري اسڪول جو بنياد رکيو ويندو جڏهن ته ٻيهرين پيرو سيني مسلڪ جي اجتماعي شاديون ڪرائي رهيا آهيون

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) باب العلم فائونڊيشن (UK) جي سرواڻ محمد اڪبر علي ۽ ڊاڪٽر منور حسن جي تعاون سان غريب ۽ مستحق 21 جوڙن جي شادي تقريب نور محل شادي هال ۾ ٿي گذري جنهن ۾ علماء ڪرام گهوٽن، ڪنوارين ۽ سندن وارثن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، تقريب ۾ ضلعي جي مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم پاران ڪرايل اجتماعي شادين ۾ گهوٽ ويٺل آهن

پينس ڪالوني لڳ پوليس ۽ ڌورن وچ ۾ مقابلو، فائرنگ، 2 زخمين سميت 3 ڌورو گرفتار

ملير (د - ر) پينس ڪالوني لڳ پوليس ۽ ڌورن وچ ۾ مبينا مقابلو، فائرنگ، 2 زخمين سميت 3 ڌورو گرفتار، موٽر سائيڪل سوار 3 جرابدار کي شڪ جي بنياد تي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ته هنن پوليس تي فائرنگ ڪئي، پوليس تفصيل موجب سڪڻ ٿاڻي جي پينس ڪالوني روڊ نمبر 12 وٽ پوليس ۽ ڌورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين جي آبادگارن کي ٻج پاڻ لاءِ ملندڙ رقم جي ٻي قسط جاري، ڪيترن جا نالا غائب

سروي دوران ايگريڪلچر کاتي جي عملي پاران آبادگارن بجاءِ ڳري رشوت عيوض نالا وڌا ويا

فوتي آبادگارن جي نالي ايندڙ رقم وارثن کي جاري ٿي نه سگهي، اختيارين خاموش تماشائي بڻيل

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلعي جي آبادگارن کي ٻج پاڻ لاءِ ملندڙ رقم جي ٻي قسط جاري ڪيترن ئي آبادگارن جا نالا شامل ٿيڻ کان رهجي ويا گذريل سروي دوران ايگريڪلچر کاتي جي عملي پاران آبادگارن بجائي ڳري رشوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

گهوٽڪي جي صدر ظفرالله لاکو، هدايت الله لوهار، مراد علي پنگوار جي قتل خلاف نوشهروفيروز ۾ احتجاج

استادن جي بيرحمانہ قتل خلاف پ ٽ الف، گسٽا ۽ استاد برادريءَ سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيون

پ ٽ الف گسٽا پاران راشد مورائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مورو ٽائون ڪيمپس کان مورو پريس ڪلب تائين ريلي

سيد نذير علي شاهه، روشن علي ملڪ، صفدر علي جتوئي، سعيد احمد ڪلهوڙو، آصف علي لنجار ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) مورو ۾ سينئر استادن ضلعي گهوٽڪي جي صدر ظفرالله لاکو، هدايت الله لوهار، مراد علي پنگوار سميت سنڌ ۾ ٿوري عرصي اندر استادن جي بيرحمانہ قتل خلاف پ ٽ الف، گسٽا ۽ استاد برادريءَ سراپا احتجاج بڻجي روڊن تي نڪري آيون ان سلسلي ۾ پ ٽ الف گسٽا پاران راشد مورائي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مورو ٽائون ڪيمپس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ظفرالله لاکو ۽ هدايت لوهار جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوجوانن کي راندين جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ مقابلا انٽر اسڪول چئمپين شپ منعقد

ٺٽو (ب ر) نوجوانن کي صحتمند رکڻ لاءِ راندين جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ مقابلا انٽر اسڪول چئمپين شپ منعقد ڪئي وئي، جنهن کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته راندين متحرڪ ۽ باهمي اعتماد کي وڌائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، ان کان علاوه اهي اسان کي تڪڙو فيصلو ڪرڻ ۽ اسان جي سوچ جي عمل کي بهتر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

نوشهروفيروز ۾ ڳوٺ پاٺون خان ڪولاچي جي رهواسين پيرسن پاران ٻاٿرن خلاف احتجاج

پيرسن امتياز حسين ڪولاچي ۽ مسمات باگو ڪولاچي نيشنل پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ٻاٿرن اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪري حراسمينٽ ڪري اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: الزام

نوشهروفيروز (رپورٽر: اسد علي عمراڻي) ڳوٺ پاٺون خان ڪولاچي جي رهواسين پيرسن امتياز حسين ڪولاچي ۽ مسمات باگو ڪولاچي نيشنل پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي ڏانهيندي چيو ته ناروشاهه جي ٻاٿر ميندي جي واپارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: ڳوٺ پاٺون خان ڪولاچي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

خانپورمهر جي شيخ همدان بن اسپتال ۾ سڌارو نه اچي سگهيو، زخمي جي وارثن کان پئسا طلب

زخمي واڳڪي واسي محب شر جي وارثن کان آڪسيجن گئس لاءِ اسپتال عملي پاران پئسا گهريا ويا

ڪروڙين رپيا بجيٽ هئڻ باوجود تعلقه اسپتال ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي، ڪي به سهولتون ناهن: رهواسي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر جي شيخ همدان بن اسپتال ۾ سڌارو نه اچي سگهيو، زخمي جي وارثن کان آڪسيجن گئس لاءِ اسپتال عملي پاران پئسا گهريا ويا جيڪي ثبوتن طور وڊيو وائرل ٿي آهي، زخمين کي خانپورمهر جي شيخ همدان تعلقه اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان ۾ شاگرديائين ۽ شاگردن جي ذهني نشونما لاءِ سائنس آرٽ ۽ ثقافتي ميلو منعقد

ميلي ذريعي مختلف پراجيڪٽ جي نمائش، ملڪ جي چئني صوبن جي ثقافت کي پڻ نروار ڪيو ويو

ميلي ۾ پراجيڪٽ تي سائنسي سبجيڪٽ تحت ڄاڻ لاءِ اسٽال لڳائي سامان جي نمائش ڪرائي وئي

نمائشي ميلي ۾ چئني صوبن جي ثقافت کي پڻ اجاگر ڪرڻ ملڪي يڪجهتي جو هڪ عظيم مثال آهي

ٽنڊو محمد خان (برايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ شاگرديائين ۽ شاگردن جي ذهني نشونما لاءِ سائنس، آرٽ ۽ ثقافتي ميلو منعقد ڪيو ويو، ميلي ذريعي مختلف پراجيڪٽ جي نمائش، ملڪ جي چئني صوبن جي ثقافت کي پڻ نروار ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سن هيلٿ سينٽر انتظاميا جي سبب 2 ڏينهن اڳ حادثي جو زخمي فوت، لاش رکي ڌرڻو

زخمي کي اسپتال منتقل نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ زخمن جو عذاب برداشت نه ڪندي فوت ٿي ويو

مانجهند (رپورٽر) سن هيلٿ سينٽر انتظاميا جي سبب 2 ڏينهن اڳ حادثي جو زخمي فوت، لاش رکي ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ناروشاهه ۽ پرياسي ۾ چورن تپائي ڏنو هڪ رات اندر دڪان جي ڇت ڀڃي 30 لک روپين جي چوري

سهيل سومرو جي ڪرياني جي هول سيل مارٽ دڪان مان نامعلوم چور دڪان ۾ پيل 30 لک روپيا کڻي ويا

هريپور محلامان گهر ٻاهران بيٺل وسيم سيال ۽ استاد ذوالفقار سولنگي جي موٽرسائيڪلون چوري ٿي ويون آهن

جيڪڏهن چوري ٿيل رقم ۽ گاڏيون واپس نه ڏنيون ويون ته شهر ۾ شٽرڊائون هڙتال ڪري سخت احتجاج ڪيو ويندو: مظاهرين

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۽ پرياسي ۾ چورن تپائي ڏنو هڪ رات اندر دڪان جي ڇت ڀڃي 30 لک روپين جي چوري، قاضي سهيل سومرو جي ڪرياني جي هول سيل مارٽ دڪان مان نامعلوم چور دڪان ۾ پيل 30 لک روپيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٺٽو مڪلي جي ملاح برادري جو اهم اجلاس، بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ جي گهر

ناروشاهه: هول سيل دڪان مان ٿيل چوري بعد شهري بيٺل آهن

ٺٽو (ب ر) ٺٽو مڪلي جي ملاح برادري جو اهم اجلاس مڪلي ورڪشاپ ۾ ڊاڪٽر سڪندر ملاح جي رهائش تي ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سعودي عرب کان آيل ملاح برادري جي معززين اظهر علي ملاح ۽ عبدالمجيد ملاح خصوصي طور شرڪت ڪرڻ سميت ڊاڪٽر سڪندر ملاح، محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر انتظاميا پاران صفائي جي ناقص انتظامن سبب روڊن تي مٽي پيل بيمارين ڦهلجڻ

ميونسپل ڪارپوريشن جي ناقص ڪارڪردگي، شهر جي خراب روڊن تي مٽي سبب بيماريون ڦهلجي رهيون آهن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر انتظاميا پاران صفائي جي ناقص انتظامن سبب روڊن تي مٽي پيل بيمارين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين جي ڊپٽي ڪمشنر پاران ٺلهار ۾ تعلقه هيڊ ڪوارٽر اسپتال، بنيادي صحت مرڪز سعيد پور جو دورو

بنيادي صحت مرڪز سعيد پور ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول/ڪيمپس اسڪول سعيد پور جو اچانڪ دورو ڪيو

سعيد پور ۾ پي پي ايڇ آءِ جي نگراني ۾ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز ۾ ناقص صفائي جو نوٽيس

استادن تي ۾ وڏي ذميواري آهي ته هو تعليمي نظام جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن: عبدالفتاح هليو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو ٺلهار ۾ تعلقه هيڊ ڪوارٽر اسپتال، بنيادي صحت مرڪز سعيد پور جو دورو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول/ڪيمپس اسڪول سعيد پور ۾ بي ايڇ يو جي نگراني ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين: ڊي سي عبدالفتاح هليو اسڪول جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪراچي ضلعي ايسٽ جي ايس ايس پي عرفان بهادر سان صحافين جي وفد جي ملاقات

ڪراچي (باغي ساگر ڀنڀرو) ڪراچي ضلعي ايسٽ جي ايس ايس پي عرفان بهادر سان صحافين جي وفد جي ملاقات صحافين طرفان وڏنڊ بدامني منشيات گٽڪي جي سرعام وڪري بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ سخت نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي ايس ايس پي طرفان ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ او کي بدامني جي روڪٿام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ميرپورماٿيلو ۾ ريتڪ ڪمار سميت اغوا ٿيل 50 مغوين جي بازيابي ۽ امن امان لاءِ احتجاج

صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن توڙي شهرين پاران ميرپورماٿيلي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

مظاهرو ڪري ايس ايس پي آفيس آڏو ڪئمپ تائر ڪري مرڻ گهڙي تائين وارو احتجاجي ڌرڻو هنيو

نوجوان ريتڪ ڪمار ۽ اوباڙي جو پورهيت نينگر صاحبزادو پٽي سميت پنجاهه کان وڌيڪ ماڻهو اغوا آهن

ميرپورماٿيلو (رپورٽ ظهير وسير) هندو ديوان ريتڪ ڪمار سميت اغوا ٿيل پنجاهه مغوين جي بازيابي ۽ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن توڙي شهرين پاران ميرپورماٿيلي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڪئمپ قائم ڪري مرڻ گهڙي تائين وارو احتجاجي ڌرڻو هنيو آهي ان موقعي تي صحافي نصرالله گڏاڻي وڪيل محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران شاگرد جدوجهد جي ڏهاڙي تي ٿرڪوٽ ۾ ريلي

خواجه چونڪ کان پريس ڪلب تائين شاگرد اڳواڻ فهيم سنڌي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي

ڪي ايس پي پاليسي ختم ڪئي ڪري محنتي شاگردن کي پنهنجو حق ڏنو وڃي: مظاهرين

ٿرڪوٽ (رپورٽر) جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (جساف) طرفان 4 مارچ شاگرد جدوجهد جي ڏهاڙي تي ٿرڪوٽ ۾ خواجه چونڪ کان ٿرڪوٽ پريس ڪلب تائين شاگرد اڳواڻ فهيم سنڌي اياز ٻجاڻي رياض گلواڻي جي اڳواڻي ۾ شاگردن ريلي ڪڍي ان موقعي تي شاگرد جو چوڻ هو ته تعليمي ادارن مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٿرڪوٽ: جساف پاران 4 مارچ جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڦاران شوگر مل انتظاميه جي پورهيت دشمن عمل خلاف پيپلز مزدور يونين پاران احتجاج جو اعلان

هاءِ ڪورٽ ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي سينئر اڳواڻ جي ايم لغاري، الطاف سچل اعوان ۽ ٻين جي گڏجاڻي ٿي

وڪيل برادري ۽ سياسي سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏيندا سين: اڳواڻ

انشاءالله ڦاران شوگر مل انتظاميه خلاف هي ڌرڻو هڪ نئين تاريخ لکندو، جيستائين مل انتظاميه پنهنجي هوڏ نٿا لهي

ٽنڊو محمد خان (برايم علي بروهي) ڦاران شوگر مل انتظاميه جي پورهيت دشمن عمل خلاف پيپلز مزدور يونين جي 9 مارچ تي اعلانيل ڌرڻي جي حوالي سان سنڌ هاءِ ڪورٽ بار حيدرآباد ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي سينئر اڳواڻ، ٽڪيٽ هولڊر ۽ ناميارا قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جي سابق جنرل سيڪريٽري الطاف سچل اعوان، سنڌ لغاري تنظيم جي ايڊووڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهيد راڻي بينظير سٽيزن ڪلب ٿرڪوٽ ديرو جي حلف برداري تقريب، ساحاهه وند شريڪ

تقريب ۾ سال 25 _ 2024 لاءِ اليڪشن ڪمشنر انعام منگي جي سربراهيءَ ۾ چونڊ ڪئي وئي

صدر الله ڏنو پٽو، جنرل سيڪريٽري سرفراز سومرو، فنانس سيڪريٽري شهزادو چنو ۽ عهديدار چونڊيا ويا

ميمبر ڪاروباري طور احمد بخش ڪٽپر، حافظ مشتاق ڪوريجو، عبدالخالق پٽو، غلام اڪبر ناريجو شامل

ٿرڪوٽ ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) شهيد راڻي بينظير سٽيزن ڪلب ٿرڪوٽ ديرو جي حلف برداري تقريب ٿي، تقريب ۾ سال 25 _ 2024 لاءِ اليڪشن ڪمشنر انعام منگي جي سربراهيءَ ۾ چونڊ ڪئي وئي، جنهن ۾ صدر الله ڏنو پٽو جنرل سيڪريٽري سرفراز سومرو، فنانس سيڪريٽري شهزادو چنو ۽ ميمبر ڪاروباري طور احمد بخش ڪٽپر، حافظ مشتاق ڪوريجو، عبدالخالق پٽو، غلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ناروشاهه ۾ سهتا مگريجا اتحاد پاران اڳوٽو يوسي چيئرمين جي زمين تي قبضي خلاف احتجاج

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه ۾ سهتا مگريجا اتحاد پاران هنگوريجا واسي اڳوٽو يوسي چيئرمين جي زمين تي قبضي ۽ سندن مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهرين خليفو شاهنواز سهتو رئيس نويد سهتو عابد ابڙو نياز مگريجو صفر بالادي ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٿرڪوٽ ديرو: شهيد راڻي بينظير سٽيزن ڪلب جا نوان چونڊيل عهديدار بيٺل آهن

عباسي ڪلهوڙا ڊوولپمينٽ آرگنائيزيشن پاڪستان طرفان مورو شهر ۾ مرڪزي پروگرام

تقريب ۾ مهمانن کي آجياڻي لاءِ مرڪزي جنرل سيڪريٽري فاروق امان عباسي خطاب ڪيو

عبدالوهاب عباسي مرڪزي وائيس چيئرمين عاشق ڪلهوڙو، محمد اسماعيل عباسي شريڪ ٿيا

نديم شهزاد عباسي ارسلان ڪلهوڙو، ڊاڪٽر آڪاش ڪلهوڙو، ظفرالله عباسي ۽ ٻيا اڳواڻ شامل هئا

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) عباسي ڪلهوڙا ڊوولپمينٽ آرگنائيزيشن پاڪستان طرفان مورو شهر ۾ هڪ مرڪزي پروگرام رکيو ويو پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي تلاوت سينئر اڳواڻ ڊپٽي رجسٽرار مهراڻ يونيورسٽي سائين صالح ڪلهوڙو ڪئي ان کان پوءِ مهمانن کي آجياڻي لاءِ مرڪزي جنرل سيڪريٽري فاروق امان عباسي خطاب ڪيو ۽ آيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر: سماجي تنظيم پاران ڪوٺايل تقريب ۾ عهديدار شريڪ آهن

شهباز شريف وزيراعظم ٿيڻ جي خوشي ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن پاران ريلي

ميهڙ (رپورٽر) شهباز شريف وزيراعظم ٿيڻ جي خوشي ۾ پاڪستان مسلم ليگ ن سنڌ جي نائب صدر اعظم خان لوهاڻي پاران نيشنل پريس ڪلب ميهڙ پهچي صحافين کي مٺائي کارائي ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ان موقعي تي اعظم خان لوهاڻي چيو ته شهباز شريف جو وزيراعظم ٿيڻ هڪ بهترين قدم آهي انشاء الله ملڪ ۾ مهانگائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان ۾ پ ٽ الف طرفان ظفرالله لاکو جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

پ ٽ الف مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع محمد سنيو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شاهنواز مهر، عبدالوحيد نظاماڻي، عبدالحامد غوري، اڪرم ميمڻ، عارف قريشي ۽ ٻيا شريڪ

ٽنڊو محمد خان (برايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ پ ٽ الف طرفان شهيد ظفرالله لاکو، مراد پنگوار، هدايت الله لوهار، جمع جکراڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج مظاهرو، ٽنڊو محمد خان ۾ پ ٽ الف مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

اسٽار ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ غريب عوام پارٽي پاران قربان ملاڻو جي مان ۾ آجياڻو

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ڪائونسل سکر جي چونڊيل صدر جي مان ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

پاڪستان غريب عوام پارٽي جي اڳواڻ وقار علي سومرو، سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ گلن جا هار پارايا

سکر (بيورو رپورٽ) اسٽار ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر: سماجي تنظيم پاران ڪوٺايل آجياڻي واري تقريب جو ڏيک

وزيراعلي بلوچستان سرفراز علي بگٽي جي ڳڙهي خدابخش پٽو آمد، شاندار آجيان

مزار جي سيڪيورٽي کي بهتر رکڻ لاءِ اندر توڙين ٻاهر پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا

سرفراز علي بگٽي، ذوالفقار علي پٽو، مير مرتضيٰ پٽو، شاهنواز پٽو جي مزارن تي حاضري ڀري

خالد ڪريم مگريو ياسين ڪوريجو غلام علي پٽو نسيم احمد پٽو ۽ ٻين پارٽي اڳواڻن ۽ جيالن آجيان ڪئي

ٿرڪوٽ ديرو (رپورٽ شاد محمود پٽو) وزير اعلي بلوچستان سرفراز علي بگٽي جي ڳڙهي خدابخش پٽو آمد، پيپلزپارٽي جي جيالن پاران شاندار استقبال، وزير اعلي بلوچستان جي اچڻ وقت مزار جي سيڪيورٽي کي بهتر رکڻ لاءِ مزار جي اندر توڙين ٻاهر پوليس اهلڪار مقرر ڪيا ويا هئا، خبر مطابق وزيراعلي بلوچستان سرفراز علي بگٽي پنهنجو عهدي جو حلف کڻڻ کان بعد شهيدن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گلاب لغاري پرسان ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ مشهور صوفي شاعر جي ورسي منعقد

عيسي فقير لغاري جي ٽئين عرس مبارڪ ۽ سندن "ڪلام نانگا نات نچائي ويا" جي مهورت

محمد اسلم لغاري، سيڪريٽري فقير رشيد علي لغاري، درگاهه صوفي محمد فقير ڪتياڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

صوفياڻا ڪلام ڳائي تقريب وينل سوين ماڻهن کي جهومائڻ تي مجبور ڪري خوب داد ۽ انعام حاصل ڪيو

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) گلاب لغاري پرسان ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ مشهور صوفي شاعر ۽ بزرگ صوفي عيسي فقير لغاري جي ٽئين عرس مبارڪ ۽ سندن "ڪلام نانگا نات نچائي ويا" جي مهورتي تقريب ٿي گذري. تقريب جي شروعات صوفي عيسي فقير لغاري يادگار ڪميٽي جي چيئرمين فقير محمد اسلم لغاري، سيڪريٽري فقير رشيد علي لغاري، درگاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ ڊي سي پاران ڪميٽي هال ۾ رمضان المبارڪ کان اڳ عام واهپي جي شين جي اگهن بابت اجلاس

فياض حسين مهيسر پاران عام واهپي جي شين جي اگهن جي حوالي سان پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي جي گڏجاڻي ڪئي

مارڪيٽ ڪميٽين جي آفيسرن، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فوڊ سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڊي سي عام واهپي جي شين جا نوان اگهه مقرر ڪيا جن تي سختيءَ سان عملدرآمد ڪرائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر 04 مارچ 2024: ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض حسين مهيسر جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس جي ڪميٽي هال ۾ رمضان المبارڪ کان اڳ عام واهپي جي شين جي اگهن جي حوالي سان پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ روز مره جي استعمال ۾ ايندڙ شين جي اگهن ۽ مهانگائيءَ جي صورتحال تي غور ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ماتلي ۾ زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو، آبادگار طبقو پريشان، انتظاميه خاموش

ماتلي (رپورٽر) ماتلي ۾ زرعي پاڻ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو آبادگار طبقو پريشان انتظاميه خاموش تماشائي بڻيل تفصيل موجب ماتلي ۽ آس پاس جي علائقن ۾ زرعي پاڻ جا واپاري پنهنجو اگهه رکي وڪرو ڪري رهيا آهن انتظاميه اکيون بند ۾ ستل پئي طرف ننڍن آبادگارن کي ٻنهي هٿن سان لٽي ڪک پتي سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر: ڊي سي فياض حسين مهيسر اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ايوان زراعت لاڙڪاڻي پاران موسم بهار جي شجرڪاري مهم جي حوالي سان ٻوٽا لڳرايا ويا

ٿرڪوٽ ديرو ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي ڇهين بيچ ۽ اسلام آباد کان آيل ڊاڪٽرن شجرڪاري ڪئي

حڪومت کي فل فورهن تي توجه ڏيڻ کپي جنگلات جي ڪٽائي تي پابندي لڳائي وڃي: عبيد عثماني

ٿرڪوٽ ديرو (رپورٽر شاد محمود پٽو) ايوان زراعت لاڙڪاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ٿرڪوٽ ديرو: وڻڪاري مهم جي حوالي سان ڪوٺايل گڏجاڻي جو ڏيک

ملير ۾ انگريزن جي دور کان آباد ٻچو ڪولهي ڳوٺ 75 سالن ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم

انسانن لاءِ پاڻي، بجلي، گيس، اسڪول، اسپتال، روڊ، روزگار سميت بنيادي سهولتون نه ملي سگهيون

رهواسي اذيتون ۽ مسئلا پڌائيندي لڙڪ لاڙي وينا، اسان حيوانن کان به خراب زندگي گذاري رهيا آهيون: متاثرين

ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول جو بنياد پيو ۽ ڪجهه مهينا اسڪول ۾ تدريسي عمل پڻ هليو ۽ پوءِ بند ٿي ويو آهي: ڳالهيون

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ملير ۾ انگريزن جي دور کان آباد ٻچو ڪولهي ڳوٺ ملڪ جي هنن 75 سالن ۾ به سمورين بنيادي سهولتن ۽ انساني حقن کان محروم. عوامي پريس ڪلب ملير جي صحافين ۽ ملير هيومن رائيٽس تحريڪ جي اڳواڻن طرفان ٻچو ڳوٺ جو دورو. گڏاپ ٽائون جي سرحدائي ري ۽ ڪديجي ندي جي ڪنڌي تي آباد ڳوٺ ۾ اٽڪل هزار انسان لاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ملير: پاڻي ڪوٽ سبب ناريون ڏورانهن علائقن مان پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃي رهيون آهن

ميرپورماٿيلو ۾ ريتڪ ڪمار سميت اغوا ٿيل 50 مغوين جي بازيابي ۽ امن امان لاءِ احتجاج

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپورماٿيلو، گهوٽڪي مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي تنظيمن، صحافين، مغوين جي وارثن سميت شهرين جو ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو مغوين جي بازيابي لاءِ جتي نعريبازي، پوليس انتظاميه مغوين کي بازياب ڪرائڻ ۾ مڪمل طور ناڪام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 05 مارچ 2024ع

هاڻي ’ڏکين فيصلن‘ جو رينگٽ بند ڪرڻو پوندو

نعرن احتجاج ۽ گوڙ گهمسان جي وچ ۾ شهباز شريف 201 ووٽ حاصل ڪري ملڪ جو 24هون وزيراعظم چونڊجي ويو آهي. اهڙي نموني قومي اسيمبلي ميمبرن جي حلف کڻڻ، اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ۽ ڪالهه وزيراعظم / قائد ايوان جي چونڊ ڪانپوءِ قومي اسيمبلي مڪمل ٿي وئي آهي ۽ وفاق ۾ حڪومت سازيءَ جو مرحلو مڪمل ٿيڻو آهي. هي بيو ڀيرو آهي جو شهباز شريف ملڪ جي وزارت عظميٰ جي منصب لاءِ چونڊيو ويو آهي. هن کان اڳ ۾ پي ڊي ايم جي حڪومت دوران 16 مهينن واري اقتداري مدي ۾ پڻ شهباز شريف جي چونڊ ان منصب لاءِ ٿي هئي. شهباز شريف ملڪ جون واڳون ان وقت سنڀاليون آهن، جڏهن ملڪ لاتعداد مسئلن جو شڪار آهي. سياسي ۽ معاشي بحران ملڪ جي تاجي پيٽي کي اڏيڙي ۽ اکيڙي ڇڏيو آهي. مهانگائي ماڻهن جي جيئڻ جا گس سوڙها ڪري ڇڏيا آهن. عوام جو رت ست نپوڙڻ جي قيمت تي ڏفالت جي تلوار ڪجهه وقت لاءِ هٽي آهي. ملڪ کي سوين چئلينج درپيش آهن، جن ۾ ٻاهريان توڙي اندريان خطرا شامل آهن. ملڪ عالمي طاقتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. سياسي ڇڪتاڻ عروج تي آهي، خاص طور تي اليڪشن جي نتيجن جي حوالي سان تمام گهڻا تڪرار آهن. سياسي پهلوان پڙ ۾ لهي چڪا آهن ۽ تمام وڏو دنگل اڃان ٿيڻو آهي. اهڙي صورتحال ۾ باقي رهي ٿو عوام، جنهن کي به مهانگائي جي سونامي لوڙهي ڇڏيو آهي. عوام کي جي ترت رليف نه مليو ته اها حڪومت پنهنجا پير کوڙي سگهي، اهو امڪان تمام گهٽ ٿو نظر اچي.

ملڪ ۾ اسيمبلين جي چونڊ مڪمل ٿي وئي آهي. حڪومت سازيءَ جو عمل جاري آهي. اڃان سينيٽ جي چونڊ ٿيڻي آهي ۽ ان بعد جيئن ئي صدر جو اليڪٽورل ڪاليج مڪمل ٿيندو ته 9 مارچ تي صدر مملڪت جي پڻ چونڊ ٿيندي. هن وقت شديد سياسي ڇڪتاڻ انتهائي غيريقيني واري حالت پيدا ڪري ڇڏي آهي. بلوچستان ۾ ته حالتون اڳ ئي خراب آهن. هن جاگرافيائي سٽاءَ سان بلوچستان جي تعلق جي تند ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي وڃي. مٿان وري خيبر پختونخوا جي سياست جي نچڻيءَ کي جيئن ئي اقتدار جا گهنگهرو ٻڌا ويا آهن ته ان به وڄ وڄائي ڇڏيا آهن. مطلب ته ملڪ جي چئن صوبن مان به صوبا گهڻي خلفشار جو شڪار آهن. نواز ليگ جي پاور بيس پنجاب ۾ پڻ سخت اپوزيشن جي ڪري نواز ليگ هڪڙي ئي صوبي کي سنڀالي نه پئي سگهي ۽ مريم نواز کي گهڻن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو. 16 مهينن جي اقتدار دوران شهباز شريف جي بطور وزيراعظم جيڪا ڪارڪردگي رهي، اها نواز ليگ جي مقبوليت جو گراف ڪيرائڻ جو سبب بڻي. ايتري قدر جو ان عرصي دوران نواز ليگ قيادت، خاص طور تي ميان نواز شريف ۽ مريم نواز ان "ڪارڪردگي" جو ڪريڊٽ کڻڻ لاءِ به تيار نه هئا. هاڻي به جيڪڏهن اهڙي ئي ڪارڪردگي ڏيکاري وڃي ٿي ته ان سان نواز ليگ لاءِ عوامي حمايت جو گراف ويتر ڪرندو. نئين وزيراعظم شهباز شريف کي جيڪڏهن ملڪ کي بحرانن مان ڪڍڻو آهي ته ان لاءِ ان کي بهترين رٿابندي ڪرڻي پوندي. ملڪ جو سڀ کان اهم مسئلو معاشي آهي ۽ هن ملڪ جي حڪمرانن جو سڄو زور قرضن تي آهي ۽ آءِ ايم ايف چئي ته اسان جي خود مختياري کي قرض جي عيوض خريد ڪري ورتو آهي. بهترين معاشي رٿابندي جي لاءِ مضبوط معاشي ٽيم جو هجڻ ضروري آهي پر هتي حالت اها آهي ته نواز ليگ وٽ ڪا به سگهاري معاشي ماهرن جي ٽيم نه آهي. رڳو ’ڊار‘ انهن جي ڊارلنگ بڻيل آهي. اسحاق ڊار کي معيشت جي ڪهڙي خبر؟

رياست جا بحران ڏينهون ڏينهن شديد ٿيندا وڃن ۽ رياسي بدحواسي ايتري جو ڪڏهن انٽرنيٽ کي بند ڪيو وڃي ٿو ته ڪڏهن وري پنهنجن خاص ماڻهن جي ذريعي سينيٽ ۾ سوشل ميڊيا تي بندش واري قرارداد جمع ڪرائي وڃي ٿي. اسان آخر ڪيستائين اٽ پڪيءَ وانگر واريءَ ۾ سسي لڪائي بحرانن کان فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين؟ نئون وزيراعظم شهباز شريف جيڪڏهن ملڪ جي ڀلائي ۾ ڪي قدم کڻڻ چاهي ٿو ته پهرين ان کي پرڏيهي پاليسي جي حوالي سان اختيار حاصل ڪرڻا پوندا ۽ پاڙيسرين سان نه صرف تڪرار ختم ڪرڻا پوندا پر انهن سان واپار کي به وڌائڻو پوندو. باقي هاڻي عوام ان پوزيشن ۾ ئي نه آهي جو ان تي وڌيڪ معاشي بار منتقل ڪري سگهجن ۽ حڪمرانن کي هاڻي ’ڏکين فيصلن‘ جو رينگٽ بند ڪرڻو پوندو. روزگار پيدا ڪرڻ لاءِ ادارا وڪڻڻ بدران نوان ادارا قائم ڪرڻا پوندا، صنعتي انفرااسٽرڪچر لڳائڻو پوندو.

”جهڙو راجا، تهڙي رياست“

اعجاز منگي

اهو صرف چيو نه پر مڃيو به ويندو آهي ته "ٻهاڪن جي پاڙ لوڪ ڏاهپ جي گهرائين ۾ هوندي آهي". اهوئي سبب آهي ته هر ٻولي پنهنجا ٻهاڪا ردم جي ريشم سٽاءَ سان سنڀالي رکندي آهي. پر ان سچ کي به ڪو سولائيءَ سان ڪوڙ ثابت ڪري نه ٿو سگهي ته انسان جا اعتبار تجربن جي موڙن تان گذري تبديل به ٿيندا رهندا آهن. ان ڪري اهو ضروري ناهي ته جنهن شيءِ کي ڪالهه سچ قرار ڏنو ويو هو ان کي اڄ به سچ ئي سمجهيو وڃي. ڪالهوڪو ڪوڙ اڄوڪو سچ به ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ عين ممڪن آهي ته جنهن کي ڪالهه ڪوڙ سمجهيو ويو، اهو اڄ سڀ کان صاف سٿرو سچ هجي!

تاريخ ۽ سائنس جي پسمنظر ۾ مٿيون بحث ڪنهن به طرح سان منجهائيندڙ ناهي. ڇو ته مٿئين بحث کي صحيح ثابت ڪرڻ جي لاءِ اسان وٽ هڪ نه پر هزارين مثال موجود آهن. اسان کي معلوم آهي ته ڪالهه جنهن شيءِ کي غلط قرار ڏنو ويو اڄ ان شيءِ کي صحيح سمجهيو ٿو وڃي ۽ ڪالهه جنهن شيءِ کي درست سمجهيو ويو هو، اڄ ان شيءِ جي حمايت جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. پر ان سان گڏ اها به حقيقت آهي ته ڪجهه شيون اڄ به اهڙيون آهن، جيڪي ڪالهه ۽ اڄ جي شعور ۾ ڪشمڪش جو سبب بڻيل آهي يعني انهن جي نوعيت اڄ به تڪراري آهي. اسان اڄ به طئه نه ڪري سگهيا آهيون ته ڪالهه وارو سچ، اڄ به ساڳي طرح سان سچ آهي يا نه؟ اهڙي تڪرار جي دائري ۾ اسان جا ڪجهه ٻهاڪا به شامل آهن. شيخ اياز پنهنجي نوٽ بڪ ۾ ڪجهه سنڌي ٻهاڪن کي تبديل ڪري لکيو هو پر تبديليءَ جو اهو دائرو اياز جي تصور کان ڪشادو به ٿي سگهي ٿو. ممڪن آهي ته ايندڙ وقت ان تبديليءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. پر هن مهل اسان جو حالتون ۽ اسان جو هوش هيٺين ٻهاڪي تي پريشان آهي ته ان کي سچ سمجهيو وڃي يا ڪوڙ؟ ان پراڻي ٻهاڪي کي نئين دور ۾ به جيئن جو تيئن تسليم ڪيو وڃي يا اهو تبديليءَ جي تقاضا ڪري رهيو آهي!!؟

جنهن ٻهاڪي کي پيش ڪرڻ جي لاءِ اسان مٿيون مباحثو تحرير ڪيو آهي، اهو سنڌي ٻوليءَ جو جهونو پر جڳ مشهور ٻهاڪو آهي. اهو ٻهاڪو جيڪو صرف پراڻن پستڪن تي نه پر دلين ۽ دماغن جي ديوارن تي به لکيو ويندو هو اهو ٻهاڪو آهي: "جهڙو راجا، تهڙي پرجا". ڇا اهو ٻهاڪو اڄ به جيئن جو تيئن تسليم ڪرڻ گهرجي؟ يا اهو ٻهاڪو ان جڳ جو آهي، جنهن جڳ ۾ جمهوريت جو ڪو تصور به نه هو؟ اهو آپيشاهيءَ وارو دور هو چندر گپت جي دور جهڙو پراڻو. ان دور جهڙو اڳاٽو جنهن دور ۾ سنڌ به پنهنجي آغوش ۾ سمائيندڙ هند ۾ "ارٿ شاستر" جهڙو سياست جو مهان پستڪ ڪاٺ تي تختين ۽ وڻن جي چوڌن تي اڪرجي رهيو هو اهو دور ته واقعي اهڙوئي هو ان دور ۾ پرجا جي ڪا به حيثيت نه هوندي هئي. ان دور ۾ ملڪ جو مالڪ عوام نه پر اهو راجا هوندو هو. جنهن کي "پون جو پڳوان" تصور ڪيو ويندو هو ۽ ان جي خلاف سوچڻ به مهاپاپ سمجهيو ويندو هو.

اهو راجا ئي هو جيڪو پنهنجي مرضي بلڪ پنهنجي مزاج سان پنهنجي راڄ يعني پنهنجي رياست جي تراش ۽ تعمير ڪندو هو پر هاڻي اها پراڻي روايت جديد دور جي پارت ۾ به تسليم نه ٿي ڪئي وڃي. پارت به هن مهل هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو پنهنجي مٿان ڪنهن به مڙهيل حڪمران کي قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته هن جديد ۽ سائنسي دور ۾ سيڪيولر سوچ ڇڏي پارت پنهنجي مٿان موديءَ جهڙو هندو شائونسٽ حڪمران مڙهي رهيو آهي. پر موديءَ کي پاڻ مٿان مڙهڻ جو فيصلو به ان راڄ جو آهي. جيڪو ان پراڻي ٻهاڪي سان سهمت ٿيڻ لاءِ ڪنهن به طرح سان تيار ناهي. ڇو ته هن دور جو پارت به اهو خيال قبول نه ٿو ڪري ته پرجا يعني عوام. راجا يعني حڪمران جو پاڇو آهي. هن دور جو هندستان جمهوريت واري سسٽم سان سهمت ٿيندي سمجهي ٿو اصل ۾ راجا، پرجا جو پاڇو آهي. اهو عوام آهي، جيڪو پنهنجن امنگن ۽ آرزوئن مطابق پنهنجي حڪمران جي چونڊ ڪري ٿو. پر اهو سوال پنهنجي جاءِ تي تاريخ جي منهن مٿان ڪنهن چماٽ جيان آهي ته "جيڪڏهن پرجا بي جي پيءَ جي حامي ۽ راجا نريندر موديءَ جهڙو ڌرمي فاشسٽ هجي ته پوءِ حال ۽ ماضيءَ جي وچ ۾ سوچ ۽ سمجهه جو فرق ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟"

راجا ۽ پرجا جي حوالي سان پيش ٿيل ٻهاڪو پاڪستان جي سياسي پسمنظر ۾ سوچ کي سڏ ضرور ڪري ٿو ڇو ته گذريل ڏينهن جڏهن پاڪستان کي پنهنجو 24هون وزيراعظم مليو آهي، تڏهن سياسي سياق سباق سان گڏ اسان کي پنهنجي ملڪ جو مذڪوره ٻهاڪي جي حوالي سان به جائزو وٺڻ گهرجي ته ڇا پاڪستان پنهنجي حڪمران جو پاڇو آهي يا هن جو حڪمران پاڪستان جو پاڇو آهي؟

رياست ۽ راجا جي حوالي سان ان بحث کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾ اهي انگ اکر ذهن ۾ رکڻ به ضروري آهن ته پاڪستان ۽ پارت ساڳي انگريز راڄ مان ساڳي وقت جنم پذير ٿيا هئا پر ٻنهي ملڪن جي سالگره ۾ هڪ ڏينهن جو علامتي سنڌو رکيو ويو آهي. پاڪستان ۽ پارت همعمر ملڪ هجڻ جي باوجود به پنهنجن حڪمرانن جي انگ جي حوالي سان حيرت وجهندڙ فرق رکن ٿا، ڇو ته جنهن وقت پاڪستان کي پنهنجو 24هون وزير اعظم مليو آهي، تڏهن پارت تي راڄ ڪندڙ پرڌان منتريءَ جو نمبر 14هون آهي. اسان کي اها ڳالهه به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان کي هن مهل تائين اهي 24 وزير اعظم مليا آهن، جن هڪ سال کان وڌيڪ حڪومت ڪئي آهي. جيڪڏهن اسان وقتي ۽ نگران وزير اعظمن جو انگ به شامل ڪريون ته پوءِ پاڪستان ۾ هن مهل تائين 33 وزير اعظم حلف کڻي چڪا آهن. جڏهن ته اسان کي اهو به فراموش نه ڪرڻ گهرجي ته پاڪستان پنهنجي اڌ عمر يعني ٽن ڏهاڪن کان ڪجهه وڌيڪ وقت سڌي طرح سان آمريت واري راڄ هيٺ رهيو آهي. پاڪستان جي مٿان هن وقت تائين چئن وردين وارن حڪمرانن راڄ ڪيو آهي. صدر ايوب کان وٺي صدر مشرف تائين هن ملڪ کي چار آرمي چيف بطور رياستي سربراهه مليا آهن ۽ انهن مان ڪو به وزير اعظم نه هو هو سڀ صدر مملڪت ٿي رهيا. ان جي باوجود به پاڪستان ۾ وزير اعظمن جو انگ وڏي مجموعي طور تي 33 رهيو آهي. جڏهن ته هن سخت سياسي بحران ۾ ڪنهن به طرح سان پڪ نه ٿي ڪري سگهجي ته پاڪستان کي پنهنجو 34 هون يا 35 هون وزير اعظم ڪڏهن ملندو؟

پاڪستان هڪ غيريقيني حڪمرانيءَ جي حوالي سان مثالي ملڪ رهيو آهي. ڇو ته هن مهل تائين پاڪستان جي فقط هڪ وزير اعظم پنهنجو آئيني مدو پورو ڪيو پر ان کي به پنهنجي زندگيءَ جو فطري مدو پورو ڪرڻ نه ڏنو ويو. اهو وزير اعظم، جنهن جي ناحق خون جو داغ عدليا پنهنجي دامن تان ڌوئڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. پر بقول انگريز شاعر ۽ مفڪر ناٽڪ نويس شيڪسپيئر، "رت جي ڪجهه ڦڙن کي سمونڊن جو پاڻي به صاف ڪري نه سگهندو آهي".

پاڪستان کي هن مهل جيڪو وزير اعظم مليو آهي، ان جو پتو هن کي به نه هو ته اقتدار جو پکي هن جي مٿي مٿان ويهڻو آهي. مسلم ليگ (ن) جو چونڊ منشور "پاڪستان کو نواز دو" هو پر ان چونڊ ۾ مات شهباز شريف جي جيت بڻجي وئي. هن مهل هو پيپلز پارٽيءَ ۽ ايم ڪيو ايم سان ملي "پي ڊي ايم پارٽ 2" نالي اهڙي حڪومت جو سرواڻ بڻايو ويو آهي، جنهن جي باري ۾ سنڌس پارٽيءَ جا ڪجهه اڳواڻ سربراهن ۾ نه پر ميڊيا تي صاف آواز سان چئي رهيا آهن ته اهو اقتدار انهن مٿان مڙهيو ويو آهي. جنهن حڪومت جو خزانو خالي هجي، جنهن حڪومت مٿان سخت سياسي پريشر هجي. جنهن حڪومت کي هر ڏينهن پارليامينٽ ۾ نوان ٻول ٻڌڻا پون. جنهن حڪومت جا وزير باخبر صحافين کان پڇڪي پڇن ته. "اسان جي حڪومت ڪيترو وقت هلندي؟" اها حڪومت جنهن کي آئيني جواز سان آراسته ڪيو وڃي پر اها اخلاقي جواز جي لاءِ حيران ۽ پريشان هجي. ان حڪومت جي حڪمران ۽ ان راڄ جي رياست سان سنڌي ٻوليءَ جي پراڻي ٻهاڪي جي ڪهڙي بيهڪ ٿي سگهي ٿي؟ اهو سوال ان وقت تائين پنهنجي جواب جي تلاش ڪندو رهندو جيستائين شهباز شريف جي حڪومت نڪ جي پوري پڪائيءَ سان مدو پورو ڪرڻ وارو موقف ورجائيندي رهندي.

پاڪستان پنهنجي سياسي، سماجي ۽ خاص طور تي معاشي حالتن جي حساب سان جنهن حال ۾ آهي. اهڙي حال ۾ هن کي اهڙو وزير اعظم ملي سگهي ٿو جنهن مٿان قسمت جي ديوي ڀلي مهربان هجي پر هن سان جمهوري نظام وارو راڄ راضي نه هجي. شهباز شريف لاءِ پاڪستان هڪ عظيم ملڪ آهي پر ڇا پاڪستان جي رياست لاءِ شهباز شريف هڪ مهان وزير اعظم سمجهي سگهجي ٿو ان حوالي سان اسان کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته پاڪستان جي پسمنظر ۾ "جهڙي رياست، تهڙو راجا" جو ٻهاڪو پوري طرح سان درست قرار ڏئي نه ٿو سگهجي پر ملڪ جي مخصوص سياسي ۽ معاشي صورتحال ۾ "جهڙو راجا، تهڙي رياست" وارو ٻهاڪو غير جمهوري هوندي به هن جمهوري دور ۾ پنهنجا پيمانا پورا محسوس ڪري ٿو اها خوشيءَ جي ڳالهه نه آهي پر غلط خوشيءَ کان صحيح افسوس سوين دفعا بهتر آهي.

آور ڏکندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نه ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساٿَرِ صِحتَ سُپرين.

چار مارچ جي عظيم جدوجهد ۽ اڄوڪي شاگرد سياست

خاصخيلي لطيف راولاڻي

سنڌ جي تاريخ جو اهم باب جيڪو 4مارچ شاگرد جدوجهد جي حوالي سان ڪافي مشهوري ماڻي چڪو آهي ۽ هر سال انهي کي سنڌ جي قومي ڏينهن جي طور تي سنڌ جي يونيورسٽين ۽ ڪاليجن ۾ ملهايو وڃي ٿو جنهن انهي ڏينهن جي شاگرد جدوجهد ۽ شاگردن جي ڏنل قربانين کي پيش ڪئي وڃي انهي اهم واقعي تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي سنڌ جي جاڪڙي اديب دانشور عالم پروفيسر اعجاز احمد قريشي ضغيم ڪتاب لکي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي جنهن ۾ تفصيل سان انهي واقعي جو ذڪر ٿيل آهي ان کان علاوه سنڌ جي سيلاني دنيا جو سفر ڪندڙ اديب ڏاهي عبدالحئي پليجي به شاگرد جدوجهد تي ڪتاب لکيو آهي جيڪو پڻ انهي جدوجهد جو حصو رهيو هو ان دور جيڪو 1967ع جو زمانو هو انهي ادبي دور ۾ حيدرآباد مان سهڻي رسالو شايع ٿيندو هو جنهن پڻ انهي واقعي جي رپورٽنگ ڪئي پر پاڻ ايڊيٽر طارق اشرف به انهي جدوجهد ۾ عملي طور تي حصو ورتو جنهن جي ڪري نه صرف گرفتار ٿيو پر ان سان گڏ سنڌس رسالي سهڻي تي پابندي عائد ٿي وئي پاڻ 22 مهينا جيل جون اذيتون برداشت ڪري آزادي ماڻي ۽ انهي سڄي روئداد کي قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ آندو جيڪي جيل ۾ پاوڙ مهينا ۽ هٿين هٿ ڪڙول جي نالي سان شايع ٿيا انهي يادگار ڏينهن کي اسين اڄ ڇو ٿا ياد ڪريون انهي لاءِ ته اهو شاگرد سڄاڳي جو ڏهاڙو آهي ته اڄوڪو شاگرد ان مان ڪهڙو ٿو سبق پرائي اهو ان سڄي واقعي مان ڇا ٿو حاصل ڪري پر افسوس سان لکڻو پوي ٿو ته اسان جي تعليمي ادارن جي خاص طور تي سنڌ يونيورسٽي جنهن کي اسان مقدس تعليمي ادارو ۽ سنڌ جي مستقبل جو مورچو سمجهندا آهيون اتي شاگرد ڇڙواڳي جو شڪار ٿي ويو آهي سياست صرف نوڪري ۽ وڏو عهدو ماڻڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي شعوري تعليم صرف نالي ماتر رهي آهي جيڪو به اسان جو سياسي اڳواڻ انهي اداري مان تعليم پوري ڪري نڪري ٿو ته اهو سنڌ ۽ تعليم جي خدمت ڪرڻ بجاءِ سنڌ جو مشهور ڪامورو ٿيڻ پسند ڪري ٿو ۽ هو پوءِ وڏيرن ۽ جاگيردارن جو حصو ٿيو وڃي اهو سڀ ڪجهه جيڪا ان تعليم حاصل ڪئي ۽ چارمارچ جي حوالي سان پڙهيو ۽ شاگرد هوندي جيڪي انقلابي جذباتي تقريرون ڪيون جيڪي قول ۽ وچن سنڌ ڌرتي جي خدمت جي لاءِ ڪيا اهي سڀ جا سڀ وساري صرف ڪامورو ۽ وزارت حاصل ڪرڻ هٿ پير هڻڻ شروع ڪندو آهي اڄوڪو شاگرد انهي تاريخي واقعي کان لاعلمي ظاهر ڪندي پنهنجي تعليم حاصل ڪن ٿا ته وڏي ڊگري حاصل ڪريان ۽ آڪسفورڊ ۾ پهچي انجنيئر ۽ بئريسٽر ٿي اڃان اهو عمل ڪافي سالن کان جاري آهي اسان پنهنجي تاريخ کي وساري چڪا آهيون صرف اخبارن ۽ ڪتابن تائين انهي عمل کي جاري رکندا اچون جيڪو هن دور جو ڪڙو سچ آهي جو اسان تاريخ کان مڪمل لاتعلقي ڪندي انهن ڏينهن جي اهميت کي وڃائي چڪا آهيون.

اڄوڪي دور جي شاگرد کي خبر ئي ڪونهي ته چارمارچ جي شاگرد جدوجهد ڪنهن جي خلاف ۽ ڇا جي لاءِ هئي ان ڪري خاموشي سان اهو تاريخي ڏينهن گذري ويندو آهي ۽ ڪو به وڏو ميڙاڪو جلسو جلوس انهي ڏينهن جي حوالي سان نظر ڪونه ايندو آهي صرف اخبارن ۽ ڪتابن جي ذريعي انهي تاريخي ڏينهن کي زنده رکندا اچون اڳ ۾ سنڌ ۾ يونيورسٽيون گهٽ هونديون هيون پر هاڻي ته هر ننڍي وڏي شهر ۾ يونيورسٽيون ۽ انهن جون ڪئمپسون به کلي ويون آهن شاگردن جو تعداد به وڏي ويون آهي سياسي شاگرد تنظيمون به گهڻيون ٿي ويون آهن پر عملي ۽ شعوري تعليم جي ڪوٽ رهجي وئي آهي جنهن ڏينهن اها ڪوٽ پوري ٿيندي ته پوءِ اسين چارمارچ ۽ شاگرد جدوجهد کي سمجهي سگهنداسين.

..چارمارچ جو واقعو مختصر هن ريت آهي ته سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر مسرور حسن جي سنڌ دشمن پاليسين جي خلاف يونيورسٽي جي سوين شاگردن جلوس ڪڍيو جيڪو يونيورسٽي کان ٿيندو پريس ڪلب تائين وڃڻو هو ان کي چامشورو ڦاٽڪ تي روڪي اڳيان وڃڻ نه ڏنو ويو مزاحمت تي پوليس لاٺي چارج ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس استعمال ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ ڪافي تعداد ۾ شاگرد زخمي ٿيا اهو دور 1967ع جو ايوبي آمريت جو بدترين دور هو جنهن ۾ جلسو جلوس ڪڍڻ تي سخت پابندي هئي اظهار راءِ جي آزادي جي اجازت نه هئي زبان بندي جي موسم هئي سنڌي ڪتابن ۽ ٻولي تي پابندي عائد ڪئي وئي ۽ چيو ويو ته صرف اردو ۽ انگريزي پڙهو ان جلوس جي اڳواڻي شاگرد اڳواڻن يوسف لغاري يوسف ٽالپر مسعود نوراني مجيب پيرزادو ۽ ٻيا قومي ڪارڪن ڪري رهيا هئا جيڪي احتجاج ڪري رهيا هئا

بقايا 01 ***

وزيرن سميت اعليٰ عسڪري ۽ سول قيادت شرڪت ڪئي. آرمي چيف به تقريب ۾ شريڪ ٿيو ۽ سنڌس آمد تي پاڪستان زنده آباد جا نعرا هنيا ويا. آرمي چيف پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان هٿ ملايو ۽ ٻنهي کلي ڳالهايو. ان موقعي تي صدارتي اميدوار آصف زرداري به پريان مسڪرائيندي نظر آيو.

بقايا 02 ***

ڪندا ته ڀيو ڪوئي به نه ڪندو پ پ چيئرمين نوَ مئي واقعن بابت چيو ته مون ٻڌو آهي ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير نوَ مئي واقعن بابت جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. وڏو وزير ان ڳالهه جي خاطري ڪرائي ته انڪوائري جي فيصلي کي قبول ڪندو ته مان سنڌس حمايت ڪيان ٿو ان موقعي تي بلاول وزيراعظم کان مطالبو ڪيو ته نوَ مئي واقعن بابت جڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي ۽ چيف جسٽس کي درخواست ڪئي آهي ته هو ان ڪميشن جي سربراهي ڪري. سائفر بابت ڳالهائيندي هن چيو ته سائفر جي حوالي سان ڳالهيون ٿيون ۽ پڻو صاحب سان پيٽ ڪئي وئي، پڻو صاحب چيو هو ته سيني ۾ ملڪي راز ڪٿي هليو ويندس، عمران خان جي گرفتاري جي ٻئي ڏينهن سائفر هڪ پرڏيهي خابرو اداري ۾ ڇپجي ويو سنڌس چوڻ هو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته پاڪستان جو عوام بيوقوف آهي؟ سائفر جي جاچ ٿيڻ گهرجي، آئين سيني لاءِ آهي، جيڪڏهن ڪو به آئين جي ڀڃڪڙي ڪري ته ان کي سزا ملڻ کپي، مان ان جو ڏوهتو آهيان جنهن ڦاهي قبول ڪئي پر پنهنجي اصولن تي سوديبازي نه ڪئي. بلاول ڀٽو جي تقرير دوران اپوزيشن ميمبرن حڪومتي ڊائس آڏو بيهي رهيا ۽ نعريبازي ڪندا رهيا. بلاول اپوزيشن کي مخاطب ڪندي چيو ته هي گاريون ڏئي رهيا آهن ۽ مان چئي رهيو آهيان ته مان سنڌن دفاع ڪندس، جيڪڏهن سنڌن ڪائي جائز شڪايت هوندي ته سائن گڏ بيٺو هوندس پر جيڪڏهن هي غير آئيني ۽ غير جمهوري ڪم ڪندا ته مان سنڌن مقابلو ڪندس. هن چيو ته اسان کي اهڙو فيصلو ڪرڻو پوندو جنهن سان ايوان مضبوط ٿئي ۽ ملڪ جو مستقبل روشن ٿئي، پاڪستان جي عوام اهڙو فيصلو ٻڌايو آهي جو اوهان کي مجبورن گڏجي فيصلا ڪرڻا پوندا. پاڪستان جو عوام پيغام ڏئي رهيو آهي ته هو اسان جي ذاتي تڪرارن مان بيزار ٿي چڪا آهن. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته عوام غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري مان تنگ ٿي چڪا آهن. عوام ڪنهن هڪ پارٽي کي اڪثريت نه ڏني. عوام ان لاءِ ووٽ ناهي ڏنو ته هتي اچي گاريون ڏيو جيڪڏهن اوهان کي ووٽ مليا آهن ته عوام کي معاشي بحران کان بچايو. هن وڌيڪ چيو ته شين جي اگهن ۾ واڌ ٿي رهي آهي پر آمدني ۾ اضافو ناهي ٿي رهيو. اسان جي فيصلن سبب اڄ عوام پوڳي رهيو آهي. معيشت مشڪل ۾ آهي، سيني کي دعوت ڏئي رهيا آهيون ته گڏجي پاڪستان کي هن مشڪل مان ڪڍڻو آهي ان معاملي تي اسان جو ساٿ ڏيو.

بقايا 03 ***

ڪيو آهي. پنهنجي خطاب دوران هن چيو ته گذريل ڏينهن پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جي تقرير غور سان ٻڌي اميد هئي. مون سمجهيو ته وزيراعظم رياستي ادارن ۾ قيد صحافين جي آزاديءَ جو اعلان ڪندو، سنڌس چوڻ هو ته جيئن سرحدن تي فوج هٿيار ڪٽي

الرٽ بينل هوندي آهي اٿين صحافي قلم کي هٿيار بڻائي اسان کي سچ جو رستو ڏيکاريندا آهن. سنڌس چوڻ هو ته هو بلوچستان جي قيدين جي ڳالهه ناهي ڪري رهيو چو ته اتي اسان سياسي نه جنگي قيدي آهيون. هن چيو ته گوادر جنهن کي پاڪستان جي ترقيءَ جو جهومر چيو ويندو آهي اهو ٻڏي ويو آهي.

بقايا 04 ***

فارم منظور ڪيا ويا. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ ناصر شاهه پاران آصف زرداري جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا هئا. آصف زرداري جي وڪيل فاروق ايڇ نائڪ اليڪشن ڪميشن اسلام آباد ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آصف زرداري جا نامزدگي منظور ڪيا ويا آهن. نامزدگي ڪاغذن تي ڪو به اعتراض نه وارو ويو. محمود خان اڇڪزئي به اليڪشن ڪميشن جي اسلام آباد واري آفيس پهتو سنڌس نامزدگي ڪاغذ به منظور ڪيا ويا

بقايا 05 ***

مقبول صديقيءَ سان رابطو ڪيو آهي. ذريعن موجب، پ پ جي نامزد صدارتي اميدوار آصف علي زرداري ايم ڪيو ايم سربراهه خالد مقبول صديقي کي فون ڪري سائنس سياسي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻنهي اڳواڻن صدارتي چونڊن، سياسي صورتحال ۽ سنڌ جي معاملن تي ڳالهه ٻول ڪئي. ذريعن موجب، آصف زرداري ايم ڪيو ايم کان ووٽ جي درخواست ڪئي جنهن تي خالد مقبول ڪيس خاطري ڪرائي ته صلاح مشوري ڪانپوءِ جلد جواب ڏينداسين.

بقايا 06 ***

بابت بريفنگ ڏني وئي. هن ڪينسر اسپتال جي سائيٽ جو جائزو ورتو ۽ اسپتال لاءِ سڄي دنيا مان بهترين اسپيشلسٽ ڊاڪٽر گهرائڻ جي هدايت جاري ڪئي. ان موقعي تي ڳالهيون ڪندي مريم نواز چيو ته پنجاب ۾ ڪينسر جي مريضن لاءِ سرڪاري ڪينسر اسپتال ناهينداسين جتي بهترين ڊاڪٽر ۽ جديد ترين مشينري آندي ويندي. هن چيو ته پنجاب جي پهرين سرڪاري ڪينسر اسپتال ۾ مريضن جو مفت ۾ علاج ٿيندو. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز مريضن جي سار سنڀال ايندڙ سنڌن وارثن جي لاءِ هوٽل ناهڻ جي به هدايت ڪري ڇڏي آهي. ان موقعي تي اڳوڻو سينيٽر پرويز رشيد، اسيمبلي ميمبر خواجا سلمان رفيق، خواجا عمران نذير، ثانيه عاشق ۽ ڊاڪٽر عدنان به مريم نواز سان گڏ هئا، چيف سيڪريٽري پنجاب، ايس ايم بي آر، سيڪريٽري سي اينڊ ڊبليو سيڪريٽري ڪو آپريٽو، ڪمشنر لاهور، ڊي سي لاهور ۽ ٻيون لاڳاپيل اختياريون به ان موقعي تي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز سان گڏ موجود هيون.

بقايا 07 ***

سيٽن جي درخواست رد ڪندي قرار ڏنو ته سني اتحاد ڪائونسل عورتن ۽ اقليتن جي مخصوص سيٽن جي ڪوٽا جي حقدار ناهي. واضح رهي ته تحريڪ انصاف جي حمايت يافتا آزاد اسيمبلي ميمبرن چونڊن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. ان بنياد تي سني اتحاد ڪائونسل اليڪشن ڪميشن ۾ مخصوص سيٽن لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي. ٻئي پاسي تحريڪ انصاف سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن جي درخواست رد ڪرڻ خلاف عدالت وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي سينيٽ ۾ تقرير ڪندي بئريسٽر

علي ظفر چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به ان عهدي تي نه رهڻ گهرجي. ان فيصلي ڪانپوءِ صدارتي ۽ سينيٽ چونڊون اسان کي منظور نه هونديون. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي چئلينج ڪنداسين. هن چيو اسان اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي هئي ته وزارت عظميٰ جي اليڪشن کان اڳ مخصوص سيٽن بابت فيصلو ڪري، آرٽيڪل 51 موجب جيتريون سيٽون کٽيون آهن، انهن موجب مخصوص سيٽون ملنديون. آئين موجب جيڪڏهن آزاد اميدوار ڪنهن جماعت ۾ شامل ٿئي ته ان جماعت کي مخصوص سيٽون ملڻ گهرجن. سنڌس چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن کي اسان کي 23 مخصوص سيٽون ڏيڻيون هيون، اڄ اليڪشن ڪميشن اعلان ڪيو ته اهي سيٽون اسان کي نه پيا ڏين. شايد اليڪشن ڪميشن اهو مخصوص سيٽون ٻين جماعتن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. بئريسٽر علي ظفر چيو فيصلي سان ظاهر ٿي ويو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي فرض جي ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به عهدي تي نه رهڻ گهرجي، مخصوص سيٽن بابت جيستائين عدليا جو حتمي فيصلو نٿو اچي، تيستائين سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ نٿي ٿي سگهي، مطالبو ٿا ڪيون ته سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ ملتوي ڪئي وڃي.

بقايا 08 ***

موجب نگران حڪومتن جو مدو مڪمل ٿيڻ تي پابندي ڪئي پئي وڃي. اليڪشن ڪميشن چيو آهي ته چونڊيل حڪومتون پنهنجا معمول جا معاملا انجام ڏئي سگهن ٿيون. واضح رهي ته چونڊن سبب اليڪشن ڪميشن ٽرانسفر، پوسٽنگ، ترقياتي منصوبن ۽ پرتين تي پابندي لاڳو ڪئي هئي.

بقايا 09 ***

ڏيڻ جي خاطري ڪرائي ڇڏي آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان رابطا ڪميٽي جي صلاح مشوري ڪانپوءِ ٻنهي وزيرن جا نالا ڏيندي. ذريعن موجب، ايم ڪيو ايم طرفان سينيٽر اڳواڻ سيد مصطفيٰ ڪمال، سيد امين الحق ۽ جاويد حنيف مان به نالا فائنل ڪيا ويندا.

بقايا 10 ***

بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز احمد بگٽي، چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد، آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير، پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف، پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو، نئين چونڊيل قومي اسيمبلي ميمبرن، غيرملڪي سفارتڪارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو قائد محمد نواز شريف، پاڪستان پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري، پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، حمزه شهباز، عليم خان، راجا ظفرالحق، احسن اقبال، خواجا محمد آصف، مرتضيٰ جاويد عباسي، فاروق ستار سميت ٻيا سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا. وزيراعظم محمد شهباز شريف وزارت عظميٰ جو حلف کڻڻ ڪانپوءِ وزيراعظم هائوس پهتو ته هٿياربند فوج جي دستي پاران ڪيس گارڊ آف آنر ڏنو ويو، ايوان صدر ۾ حلف کڻڻ ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس پهتو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج جي دستي ڪيس گارڊ آف آنر ڏنو ان موقعي تي قومي ترانو وڄايو ويو، وزيراعظم گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف سان وزيراعظم آفيس جي عملي جو تعارف پڻ ڪرايو ويو.

بقايا 11 ***

ريفرنس تي ٻڌڻي ڪئي. جسٽس سردار طارق مسعود، جسٽس منصور علي شاهه، جسٽس يحييٰ آفريدي، جسٽس امين الدين، جسٽس جمال مندوخيل، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن رضوي ۽ جسٽس مسرت هلالي نو رڪني لارجر بئنچ جو حصو آهن. ٻڌڻي دوران صنم ڀٽو، آصفا ڀٽو ۽ بختاور ڀٽو طرفان رضا رباني دليل ڏنا جڏهن ته ايڊيشنل اٽارني جنرل ۽ ٻين وڪيلن به عدالت آڏو دليل ڏنا. سپريم ڪورٽ ٻنهي ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو.

بقايا 12 ***

آهي. ڪالهه واري منهنجي تقرير لائيو نه ڏيکاري وئي. هن چيو ته انسپيڪٽر جنرل ڊاڪٽر عثمان کي هٽايو وڃي. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران سني اتحاد ڪائونسل جي نامزد صدارتي اميدوار محمود خان اڇڪزئي جي گهر

تي ڇاپي جي مذمت ڪئي وئي. قومي اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي بلاول چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ۽ بلوچستان جي وڏي وزير کي چوان ٿو ته هن معاملي تي ايڪشن وٺن. بلاول چيو ته محمود خان اڇڪزئي صدارتي اميدوار آهي. اڇڪزئي جي گهر تي ڇاپو هئي صدارتي چونڊن کي بنا جواز جي تڪراري بڻايو پيو وڃي، اسپيڪر بلاول کي ڳالهائڻ لاءِ فلور ڏنو ته بلاول چيو ته محمود خان اڇڪزئي کي فلور ڏنو وڃي، محمود خان اڇڪزئي ڳالهائڻ شروع ڪيو ته پي ٽي وي قومي اسيمبلي جي جاري لائيو ڪارروائي بند ڪري ڇڏي. اسپيڪر اياز صادق محمود خان اڇڪزئي کي چيو ته توهان سينيٽر سياستدان آهيو، ذاتيات تي ڳالهائڻ کان پاسو ڪيو وزيراعظم شهباز شريف جيو ته جيڪڏهن ذاتيات تي ڳالهايو ويو ته پوءِ ڳالهه گهڻي پري هلي ويندي

بقايا 13 ***

عوامي پارٽي اڳواڻ گوڏيڪ چيو ته وزيراعظم ۽ بلوچستان جي وڏي وزير اقتدار سنڀالڻ شرط جمهوري جو پهريون تحفو ڏنو آهي. رحيم زيارتوال چيو ته پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي جي ڪارڪنن جا ڪاروبار به سيل ڪيا پيا وڃن. محمود خان اڇڪزئي صدارتي اميدوار آهي. ڪيس صدر وارو پروٽوڪول ملڻ گهرجي.

بقايا 14 ***

هجڻ بابت فيصلو محفوظ ڪيو هو. جيڪو جسٽس شاهد ڪريم پڙهي ٻڌايو شهري اعظم بٽ درخواست ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاهور سميت ٻين کي ڌر بڻايو هو. درخواستگذار جو چوڻ هو ته عورت مارچ جا ڪارڊ ۽ بئنر اسلامي معاشري ۾ قبول ناهن درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي ته لاهور هاءِ ڪورٽ عورت مارچ روڪڻ جو حڪم ڏئي.

بقايا 15 ***

عامر بلوچ موجب پاڪستان ريلوي کي گذريل 8 مهينن ۾ 50 ارب روپين جي رڪارڊ آمدني ٿي آهي، اها آمدني رڳو پيسينجر ۽ فريٽ ٽرين ذريعي حاصل ڪئي وئي، جڏهن ته گذريل سال ريلوي جي آمدني 32 ارب رپيا هئي. هن ٻڌايو ته مالي سال جي پڇاڙي تائين ريلوي کي 80 ارب تائين آمدني جو امڪان آهي. جنهن جو ڪريڊٽ ريلوي ورڪرز کي وڃي ٿو

بقايا 16 ***

۾ صحافين سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته جيڪڏهن ٽي وڏيون جماعتون ڪابينا جو حصو بڻجي وڃن ته ذميواريون ورهائجي وينديون، ٽن وڏن صوبن مان سياسي جماعتون هونديون ته ڪابينا سٺي ريندي، ڪابينا جو سائز وڏو ۽ ننڍو ٿي سگهي ٿو. هن چيو ته تعليم ۽ صحت جهڙيون وزارتون صوبن کي منتقل ٿيڻ گهرجن، 10 کان 12 وزارتون صوبن کي منتقل ڪرڻ جي بلاول جي تجويز جي حمايت ڪيان ٿو. ضلعي حڪومتون مضبوط ڪرڻ سان اسيمبلي ميمبرن جو بار گهٽ ٿيندو، ڪراچي جي ضلعي حڪومت مضبوط ڪرڻ بابت آئيني ترميم ٿيڻ گهرجي، ڪراچي وڏو شهر آهي. دنيا ۾ وڏن شهرن ۾ مضبوط مقامي حڪومتون آهن.

بقايا 17 ***

سنجراڻي ۽ اليڪشن ڪميشن سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته صادق سنجراڻي بلوچستان جي صوبائي اسيمبلي جي سيٽ تي چونڊجي ۽ حصو ورتو ۽ ڪاميابي کان پوءِ اليڪشن ڪميشن نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو درخواستگذار موجب صادق سنجراڻي هڪ ئي وقت 2 سيٽون نٿو رکي سگهي ۽ غيرقانوني طور تي سينيٽ چيئرمين جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته اليڪشن ڪميشن صادق سنجراڻي کي بطور سينيٽر سيٽ خالي قرار ڏيڻ جو حڪم ڏئي ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ صادق سنجراڻي کي بطور سينيٽ چيئرمين ڪم ڪرڻ کان روڪي.

بقايا 18 ***

ٿي منع نامي ۾ واڌ ڪندي گريڊ هڪ کان 15 تائين ملازمتن تي پابندي برقرار رکي. عدالت درخواست جي وڌيڪ ٻڌڻي 18 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 19 ***

ڏاڙهون ريهاڙي، گلزار ريهاڙي، سانوڻ ريهاڙي، سميت ستن گهرن کي باهه وڪوڙي ورتو گهرن ۾ پيل زيور، اناج، ڪٽون بسترا، الماريون، ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو ٻئي پاسي ڳوٺ ۾ ڪميٽي ٽينڊو باجي فائيربرگيڊ گاڏي ٽن سالن کان خراب هجڻ سبب ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه تي ضابطو آندو

بقايا 20 ***

تي واضح طور ڏسي سگهجي ٿو جواد ميمڻ ٻڌايو ته پهرين تراويح 11 مارچ جي رات ٿيندي، چو ته 90 سيڪڙو امڪان آهي ته پهريون روزو 12 مارچ اڱاري تي ٿيندو.

بقايا 21 ***

آهي جنهن ۾ غير پروسيس ٿيل خوراڪ، اسٽيشنري، دوائن، بي او ايل شيون ۽ ٻيون شامل آهن. آءِ ايم ايف اندازو لڳايو آهي ته جي ايس ٽي جي شرحن کي معقول بنائڻ سان گڏيل ملڪي پيداوار (جي ڊي پي) جو 13 سيڪڙو منافعو حاصل ٿي سگهي ٿو جيڪو قومي ناڻي ۾ 1300 ارب روپين جي برابر آهي. پر آءِ ايم ايف اهو اندازو ناهي لڳايو ته جيڪڏهن ٽيڪس اضافي جي ذريعي جي ايس ٽي جو ايترو وڏو سخت قدم کنيو ويو ته ايندڙ مهينن ۽ سالن ۾ ايندڙ مهانگائي سبب متاثر عوام کي ڪيترو نقصان پهچندو. آءِ ايم ايف جي سفارشن ۾ پنجين شيڊول کي ختم ڪرڻ، ڇهين شيڊول جي ڇوٽ ختم ڪرڻ ۽ سيلز ٽيڪس جي اٺين شيڊول جي تحت ٽيڪس جي گهٽ ڪيل شرح کي ختم ڪرڻ تي روشني وڌي وئي. آءِ ايم ايف پنجين شيڊول جي تحت برآمدي شين کان علاوه سمورا زيرو ريٽنگ ختم ڪرڻ، ڇهين شيڊول جي تحت صرف رهائشي ملڪيتن (پهريان ورڪر کان علاوه) جي فراهمي تائين ڇوٽ کي محدود ڪرڻ ۽ ٻين سمورين شين کي جي ايس ٽي جي معياري شرح تي آڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 22 ***

ڪيڏانهن ويا جيڪي سوئس ۾ پيا هئا؟ بئريسٽر گوهر وڌيڪ چيو ته هن (بلاول) کي جمهوريت ۽ حقن جي ايترو ڪي تڪبر آهي ته اسان جون عورتون جيل ۾ آهن ان لفظي مذمت ڪئي؟ اسان کي درس ڏيندڙ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائين، هي پنهنجي مقادن لاءِ گڏ ٿيندا آهن. ڪين جمهوريت راس ناهي ايندي، هي سڀ پاور شيئرنگ تي يقين رکن ٿا. پي ٽي آءِ چيئرمين صدارتي چونڊن بابت چيو ته ڪو ٻيو ماڻهو ناهي ڇا جو هي صدارت زرداري کي ڏئي رهيا آهن. پي ٽي آءِ باني جو ڪو پاءِ يا پائيتيو هتي ناهي رهيو. اسان سڌوڻا انهن سان سون تي گرا ثابت ٿينداسين.

بقايا 23 ***

کي جناح اسپتال نيو يو پوليس ٻڌايو ته عورت جي مڙس موجب پستول صاف ڪرڻ لاءِ مان گوليون ٻاهر رکيون هيون، گهرواري پورڳن ۾ گولي وات ۾ رکي، ڇڪا اندرهلي وئي. ڪنوار جو ايڪسري ڪرايو ويو آهي. جنهن ۾ گولي واضح ڏسي سگهجي ٿي.

بقايا 24 ***

معظم ڊي اير ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ، سڪندر زرداري، شڪيل قريشي، جميل انصاري، چيف انجنيئر آبپاشي مير غلام علي ٽالپر سميت اعليٰ عملدار موجود هئا. ان موقعي تي سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان وفد کي پمپنگ اسٽيشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ترجمان موجب دوري جي موقعي تي ڏابيجي پمپنگ کان شهر کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ تفصيلي ڳالهه ٻول ڪئي وئي جڏهن ته وفد پاران شهر ۾ پاڻي ۽ نيڪالي واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن اختيارين کي پرپور سهڪار جو يقين پڻ ڏياريو ٻئي پاسي وفد کي فور منصوبي جي ان ٽيڪ پوائنٽ چلبيا ٺٽو جو دورو ڪري منصوبي تي هلندڙ پيش رفت ۽ جاري ڪمن جو تفصيل جائزو پڻ ورتو. ان موقعي تي بي ڊي ڪي ڊبليو ايس آءِ بي عثمان معظم ۽ بي ڊي کي فور واپڊا عامر مغل وفد کي بريفنگ ڏيندي چيو ته کي فور منصوبي جو بنيادي مقصد ڪراچي ۾ پاڻي پهچائڻ واري نظام کي وڌيڪ موثر ۽ پائيدار بڻائڻ آهي ۽ کي فور منصوبو فيز ون 260 ايم جي ڊي لئي ۽ مليرضلعن ۾ تعمير هيٺ آهي. منصوبو 100 ڪلوميٽر ٻري يعني ڪينجهر ڍنڍ لئي مان پاڻي جي ٽن ذخيرن (ريزروائر) جي مدد سان ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪري سگهندو هنن چيو ڪراچي شهر ۾ پاڻي جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ کي فور نهايت ئي اهم منصوبو آهي جڏهن ته منصوبي سان شهرين کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هنن ٻڌايو ته منصوبي تحت 650 ايم جي ڊي جو اسٽرڪچر تعمير هيٺ آهي، 650 ايم جي ڊي جو هڪ گريوٽي چينل ڪينجهر پمپنگ ڪمپليڪس تائين تعمير ڪيو ويندو ۽ 260 ايم جي ڊي کي فور منصوبي جي تحت 3 ذخيرن (ريزروائر) ۽ پمپنگ اسٽيشنون ناهين باءِ پاس اين ٽي ڪي اولڊ ۽ پيري فلٽر پلانٽ جي ويجهو تعمير ڪيون وينديون. هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 25 ***

وٺان چرس برآمد ٿيو هو گلشن معمار ۾ ڊيوٽي آفيسر آهي، سائيٽ سپر هاءِ وي پوليس 12 جنوري تي هڪ جوابدار پڪڙيو هو. جنهن جاچ دوران پڌايو ته هو پسٽل پوليس آفيسر کي ڏنو آهي. اختيارين ٻڌايو ته گرفتار جوابدار وٽان ملندڙ موٽر سائيڪل اي ايس آءِ عمران جي نالي تي هئي، جاچ ڪانپوءِ ايس ايڇ او گلشن معمار جوابدار کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اختيارين موجب اي ايس آءِ عمران مومن آباد ۾ پتي خوري ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي. جوابدار خلاف هڪ ٿاڻي ۾ منشيات جو ڪيس به داخل آهي. هاڻ جوابدار وٽان منشيات برآمد ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 ***

ڇڏيو آهي. 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن کان اڳ چونڊ مهم دوران پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پي ڊي ايم حڪومت ۾ نالي جي وزارت جون ذميواريون نڀائيندڙ اسحاق ڊار کي ملڪي معاشي معاملن کي بهتر طريقي سان هلائڻ تي تنقيد جو نشانو بڻايو هو هلندڙ سال جنوري ۾ نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو هو ته اسان جي پارٽي چاهي ٿي ته ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال سبب (ن) ليگ اسحاق ڊار جي جڳهه ڪنهن ٻئي کي نائب وارو وزير بڻائي. اسحاق ڊار بلاول ڀٽو زرداري جي بيان تي رد عمل ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو ته بلاول منهنجي باري جيان آهي ان جي بيان تي ڪوبه تبصرو نه ڪندس. ان حوالي سان پيپلز پارٽي جي سينيٽر اڳواڻ جيو آهي ته مسلم ليگ (ن) ڊرائيونگ سيٽ تي آهي ۽ اهو انهي جي اختيار آهي ته هو ڪنهن کي پنهنجي ڪابينه ۾ شامل ڪري ٿي. پ پ اڳواڻ چيو ته اسان کڏهن به ڪنهن شخص تي ڪو به اعتراض ناهي اٿاريو البته اسان انهن جي پاليسين تي اعتراض ڪيو آهي.

بقايا 27 ***

شريف کي پاڪستان جي 24هين وزيراعظم بڻجڻ تي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ترڪ صدر پاڪستان کي ترقي جي رستن تي گامزن ڪرڻ جي شهباز شريف جي صلاحيتن تي اعتماد جو به اظهار ڪيو. ترڪ صدر چيو ته شهباز شريف کي وزيراعظم چونڊجڻ جي خوشي ٿي آهي. پاڪستان ۽ ترڪيه جي ترقي لاءِ ملي ڪم ڪنداسين. ان موقعي تي نئين چونڊيل وزيراعظم شهباز شريف چيو ته صدر رجب طيب اردوان جي نيڪ جذبن جي آجيان ڪريان ٿو طيب اردوان هميشه ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان جي موقف جي حمايت ڪئي ۽ پاڪستان ۾ دهشتگردي جي واقعن جي مذمت ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان ٻنهي ملڪن وچ ۾ پائيدار لاڳاپن جي اهميت تي به زور ڏنو ويو ياد رهي ته گذريل ڏينهن وزيراعظم جي چونڊ لاءِ مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي جي اميدوار شهباز شريف ۽ سني اتحاد ڪائونسل جي عمر ايوب وچ ۾ مقابلو ٿيو شهباز شريف کي 201 جڏهن ته عمر ايوب صرف 92 ووٽ حاصل ڪري سگهيو اهڙي طرح شهباز شريف ٻيون ڀيرو پاڪستان جو وزيراعظم چونڊجي ويو

بقايا 28 ***

جي پيٽ ۾ ڊالر مهانگو ٿي ريو انٽر بئنڪ ۾ نئين ڪاروباري هفتي جي پهرين ڏينهن ڊالر 7 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 279 روپين 26 پئسن جو ٿي ويو انٽر بئنڪ ۾ گذريل ڪاروباري سيشن ۾ ڊالر 279 روپين 19 پئسن تي بند ٿيو هو.

بقايا 29 ***

دوران ريفنڊز جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي هئي. ايف بي آر جي ٻڌائڻ موجب ريفنڊز جاري ڪرڻ سان نالي متاثا ذخيرن ۾ واڌ ٿيندي.

بقايا 30 ***

گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي آهي؟ جاچ آفيسر جو چوڻ هو ته گم ٿيل شهرين جي ڳولا لاءِ حراستي ادارن ۽ ٻين ادارن کي خط لکيا آهن ۽ جي آءِ ٽيز جا سيشنز به ڪيا آهن عدالت گم ٿيل شهرين جون تصويرون سوشل ميڊيا ۾ شايع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته عدالت وزارت دفاع، وفاقي، صوبائي گهرو سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ ۽ ٻين

واسطيدار ادارن کان اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 31 ***

جو نامزد اميدوار هو ذريعن اهو به چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني عمران خان طرفان به عمر ايوب کي اپوزيشن اڳواڻ مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي آهي.

بقايا 32 ***

ڪندا ته ڀيو ڪوئي به نه ڪندو پ پ چيئرمين نوَ مئي واقعن بابت چيو ته مون ٻڌو آهي ته خيبرپختونخوا جي وڏي وزير نوَ مئي واقعن بابت جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. وڏو وزير ان ڳالهه جي خاطري ڪرائي ته انڪوائري جي فيصلي کي قبول ڪندو ته مان سنڌس حمايت ڪيان ٿو ان موقعي تي بلاول وزيراعظم کان مطالبو ڪيو ته نوَ مئي واقعن بابت جڊيشل ڪميشن جوڙي وڃي ۽ چيف جسٽس کي درخواست ڪئي آهي ته هو ان ڪميشن جي سربراهي ڪري. سائفر بابت ڳالهائيندي هن چيو ته سائفر جي حوالي سان ڳالهيون ٿيون ۽ پڻو صاحب سان پيٽ ڪئي وئي، پڻو صاحب چيو هو ته سيني ۾ ملڪي راز ڪٿي هليو ويندس، عمران خان جي گرفتاري جي ٻئي ڏينهن سائفر هڪ پرڏيهي خابرو اداري ۾ ڇپجي ويو سنڌس چوڻ هو ته ڇا اوهان سمجهو ٿا ته پاڪستان جو عوام بيوقوف آهي؟ سائفر جي جاچ ٿيڻ گهرجي، آئين سيني لاءِ آهي، جيڪڏهن ڪو به آئين جي ڀڃڪڙي ڪري ته ان کي سزا ملڻ کپي، مان ان جو ڏوهتو آهيان جنهن ڦاهي قبول ڪئي پر پنهنجي اصولن تي سوديبازي نه ڪئي. بلاول ڀٽو جي تقرير دوران اپوزيشن ميمبرن حڪومتي ڊائس آڏو بيهي رهيا ۽ نعريبازي ڪندا رهيا. بلاول اپوزيشن کي مخاطب ڪندي چيو ته هي گاريون ڏئي رهيا آهن ۽ مان چئي رهيو آهيان ته مان سنڌن دفاع ڪندس، جيڪڏهن سنڌن ڪائي جائز شڪايت هوندي ته سائن گڏ بيٺو هوندس پر جيڪڏهن هي غير آئيني ۽ غير جمهوري ڪم ڪندا ته مان سنڌن مقابلو ڪندس. هن چيو ته اسان کي اهڙو فيصلو ڪرڻو پوندو جنهن سان ايوان مضبوط ٿئي ۽ ملڪ جو مستقبل روشن ٿئي، پاڪستان جي عوام اهڙو فيصلو ٻڌايو آهي جو اوهان کي مجبورن گڏجي فيصلا ڪرڻا پوندا. پاڪستان جو عوام پيغام ڏئي رهيو آهي ته هو اسان جي ذاتي تڪرارن مان بيزار ٿي چڪا آهن. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته عوام غربت، مهانگائي ۽ بيروزگاري مان تنگ ٿي چڪا آهن. عوام ڪنهن هڪ پارٽي کي اڪثريت نه ڏني. عوام ان لاءِ ووٽ ناهي ڏنو ته هتي اچي گاريون ڏيو جيڪڏهن اوهان کي ووٽ مليا آهن ته عوام کي معاشي بحران کان بچايو. هن وڌيڪ چيو ته شين جي اگهن ۾ واڌ ٿي رهي آهي پر آمدني ۾ اضافو ناهي ٿي رهيو. اسان جي فيصلن سبب اڄ عوام پوڳي رهيو آهي. معيشت مشڪل ۾ آهي، سيني کي دعوت ڏئي رهيا آهيون ته گڏجي پاڪستان کي هن مشڪل مان ڪڍڻو آهي ان معاملي تي اسان جو ساٿ ڏيو.

بقايا 33 ***

بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز احمد بگٽي، چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد، آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير، پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف، پاڪ فضائيه جي سربراهه ايئر چيف مارشل ظهير احمد بابر سڌو، نئين چونڊيل قومي اسيمبلي ميمبرن، غيرملڪي سفارتڪارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) جو قائد محمد نواز شريف، پاڪستان پيپلزپارٽي جو شريڪ چيئرمين آصف علي زرداري، پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، حمزه شهباز، عليم خان، راجا ظفرالحق، احسن اقبال، خواجا محمد آصف، مرتضيٰ جاويد عباسي، فاروق ستار سميت ٻيا سياسي اڳواڻ پڻ موجود هئا. وزيراعظم محمد شهباز شريف وزارت عظميٰ جو حلف کڻڻ ڪانپوءِ وزيراعظم هائوس پهتو ته هٿياربند فوج جي دستي پاران ڪيس گارڊ آف آنر ڏنو ويو، ايوان صدر ۾ حلف کڻڻ ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف وزيراعظم هائوس پهتو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج جي دستي ڪيس گارڊ آف آنر ڏنو ان موقعي تي قومي ترانو وڄايو ويو، وزيراعظم گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو. وزيراعظم شهباز شريف سان

وزيراعظم آفيس جي عملي جو تعارف پڻ ڪرايو ويو.

بقايا 34 ***

معظم ڊي اير ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ، سڪندر زرداري، شڪيل قريشي، جميل انصاري، چيف انجنيئر آبپاشي مير غلام علي ٽالپر سميت اعليٰ عملدار موجود هئا. ان موقعي تي سي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان وفد کي پمپنگ اسٽيشن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ترجمان موجب دوري جي موقعي تي ڏابيجي پمپنگ کان شهر کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ تفصيلي ڳالهه ٻول ڪئي وئي جڏهن ته وفد پاران شهر ۾ پاڻي ۽ نيڪالي واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ واٽر ڪارپوريشن اختيارين کي پرپور سهڪار جو يقين پڻ ڏياريو ٻئي پاسي وفد کي فور منصوبي جي ان ٽيڪ پوائنٽ چلبيا ٺٽو جو دورو ڪري منصوبي تي هلندڙ پيش رفت ۽ جاري ڪمن جو تفصيل جائزو پڻ ورتو. ان موقعي تي بي ڊي ڪي ڊبليو ايس آءِ بي عثمان معظم ۽ بي ڊي کي فور واپڊا عامر مغل وفد کي بريفنگ ڏيندي چيو ته کي فور منصوبي جو بنيادي مقصد ڪراچي ۾ پاڻي پهچائڻ واري نظام کي وڌيڪ موثر ۽ پائيدار بڻائڻ آهي ۽ کي فور منصوبو فيز ون 260 ايم جي ڊي لئي ۽ مليرضلعن ۾ تعمير هيٺ آهي. منصوبو 100 ڪلوميٽر ٻري يعني ڪينجهر ڍنڍ لئي مان پاڻي جي ٽن ذخيرن (ريزروائر) جي مدد سان ڪراچي کي پاڻي فراهم ڪري سگهندو هنن چيو ڪراچي شهر ۾ پاڻي جي کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ کي فور نهايت ئي اهم منصوبو آهي جڏهن ته منصوبي سان شهرين کي پاڻي جي فراهمي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ انهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هنن ٻڌايو ته منصوبي تحت 650 ايم جي ڊي جو اسٽرڪچر تعمير هيٺ آهي، 650 ايم جي ڊي جو هڪ گريوٽي چينل ڪينجهر پمپنگ ڪمپليڪس تائين تعمير ڪيو ويندو ۽ 260 ايم جي ڊي کي فور منصوبي جي تحت 3 ذخيرن (ريزروائر) ۽ پمپنگ اسٽيشنون نادرن باءِ پاس اين ٽي ڪي اولڊ ۽ پيري فلٽر پلانٽ جي ويجهو تعمير ڪيون وينديون. هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 35 ***

سيٽن جي درخواست رد ڪندي قرار ڏنو ته سني اتحاد ڪائونسل عورتن ۽ اقليتن جي مخصوص سيٽن جي ڪوٽا جي حقدار ناهي. واضح رهي ته تحريڪ انصاف جي حمايت يافتا آزاد اسيمبلي ميمبرن چونڊن ۾ ڪاميابي ڪانپوءِ سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ڪئي هئي. ان بنياد تي سني اتحاد ڪائونسل اليڪشن ڪميشن ۾ مخصوص سيٽن لاءِ درخواست داخل ڪئي هئي. ٻئي پاسي تحريڪ انصاف سني اتحاد ڪائونسل جي مخصوص سيٽن جي درخواست رد ڪرڻ خلاف عدالت وڃڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن جي فيصلي تي سينيٽ ۾ تقرير ڪندي بئريسٽر علي ظفر چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به ان عهدي تي نه رهڻ گهرجي. ان فيصلي ڪانپوءِ صدارتي ۽ سينيٽ چونڊون اسان کي منظور نه هونديون. اليڪشن ڪميشن جي فيصلي کي چئلينج ڪنداسين. هن چيو اسان اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪئي هئي ته وزارت عظميٰ جي اليڪشن کان اڳ مخصوص سيٽن بابت فيصلو ڪري، آرٽيڪل 51 موجب جيتريون سيٽون کٽيون آهن، انهن موجب مخصوص سيٽون ملنديون. آئين موجب جيڪڏهن آزاد اميدوار ڪنهن جماعت ۾ شامل ٿئي ته ان جماعت کي مخصوص سيٽون ملڻ گهرجن. سنڌس چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن کي اسان کي 23 مخصوص سيٽون ڏيڻيون هيون، اڄ اليڪشن ڪميشن اعلان ڪيو ته اهي سيٽون اسان کي نه پيا ڏين. شايد اليڪشن ڪميشن اهو مخصوص سيٽون ٻين جماعتن کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. بئريسٽر علي ظفر چيو فيصلي سان ظاهر ٿي ويو ته اليڪشن ڪميشن پنهنجي فرض جي ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر کي هڪ منٽ به عهدي تي نه رهڻ گهرجي، مخصوص سيٽن بابت جيستائين عدليا جو حتمي فيصلو نٿو اچي، تيستائين سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ نٿي ٿي سگهي، مطالبو ٿا ڪيون ته سينيٽ ۽ صدارتي چونڊ ملتوي ڪئي وڃي.

ڪشمور جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ۽ رينجرس جي اهلڪارن پاران جوابدارن خلاف ڪارروائي

دودا پوليس چيڪ پوسٽ واري علائقي ۾ گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اهلڪارن ڪارروائي ڪئي

پوليس رينجرس ۽ ڌوهارين وچ ۾ راڪيٽ لانچر توڙي اينٽي ايئر ڪرافٽ گن سميت ٻين جديد هٿيارن جو پڻ استعمال

ڌوهارين جي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار ظفر بالادي گولين لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو، فائرنگ ۾ ٻه ڌوهاري زخمي ٿيڻ جا اطلاع

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس ۽ رينجرس جي اهلڪارن جو ڳوٺ نصيرخان پيو ۾ سان دودا پوليس چيڪ پوسٽ واري علائقي ۾ گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي ڪشمور جي حڪم تحت آپريشن ڪيو پيو وڃي پوليس رينجرس ۽ ڌوهارين وچ ۾ راڪيٽ لانچر توڙي اينٽي ايئر ڪرافٽ گن سميت ٻين جديد هٿيارن جو پڻ استعمال ڪيو پيو وڃي ڌوهارين پوليس ۽ رينجرس اهلڪارن ۾ گذريل ٽن ڪلاڪن کان مسلسل فائرنگ جي ڏي وٺ هلندڙ آهي پوليس ۽ رينجرس جي جوابي فائرنگ ۾ ٻه ڌوهاري زخمي ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن ۽ ڌوهارين جي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار ظفر بالادي گولين لڳڻ سبب زخمي ٿي پيو آهي زخمي اهلڪار کي پوليس موبائيل ۾ ڪشائي ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي زخمي ابتدائي طبي امداد ڏني پئي وڃي فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو ٽن ڪلاڪن جي مسلسل فائرنگ بعد ڳوٺ نصيرخان پيو صيفل ميراڻي سميت ٻين ۾ پاسي وارن علائقن جا رهواسي خوف مان گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن واضح رهي پوليس ۽ رينجرس جو سبزوئي گينگ جي ٽاڪن کي ڪوڙ چاڙهي ڇڏيو آهي اهلڪار زخمي ٿيڻ بعد پوليس رينجرس جي گڏيل آپريشن دوران فائرنگ ۾ تيزي اچي وئي آهي ٻئي پاسي ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي جو چوڻ آهي ته دراني مهر واري علائقي ۾ رهندڙ گهربل روپوش جوابدارن جي گرفتاري ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ پوليس ۽ رينجرس جي گڏيل ڪارروائي اوستائين جاري رهندي جيستائين مغوين جي بازيابي ۽ گهربل روپوش جوابدارن جي زنده يا وري مرده گرفتاري تائين دودا پوليس چيڪ پوسٽ واري علائقي ۾ آپريشن جاري رهندي

خانپور مهر مدئجي ويجهو پ ت الف ظفر لاڪو جي قتل خلاف استادن پاران احتجاجي مظاهرو

طالب حسين مهر، حضور بخش مهر، ظهور احمد مهر، علي حسن مهر، عبدالرشيد مهر مظاهرو ڪيو

سنڌ ۾ استاد برادري جو قتل افسوس ناڪ آهي هڪ استاد جو قتل شعور جو قتل آهي: طالب حسين مهر

استاد برادري جو قتل افسوس ناڪ آهي، قتل شعور جو قتل آهي اهڙن واقعن تي استاد برادري خاموش نه رهندي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر مدئجي ويجهو قتل ٿيل پ ت الف ضلعي گهوٽڪي جي صدر ظفر لاڪو جي قتل واقعي خلاف خانپورمهر ۾ احتجاج ڪيو ويو پ ت الف جي مرڪزي ڪال تي پ ت الف تعلقه خانڳڙهه پاران استاد طالب حسين مهر، حضور بخش مهر، ظهور احمد مهر، علي حسن مهر، عبدالرشيد مهر، شهزادو مهر، مظهر حسين دايو، الياس احمد مهر، مشتاق سمون، شاد محمد مهر، غلام حسين پنهور، عبدالرشيد مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ استادن ۽ شاگردن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مين پرائمري اسڪول کان پريس ڪلب خانپورمهر تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين استاد ظفر لاڪو جي قتل واقعي خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهرين مطالبو ڪيو ته فوري طور مقتول استاد ظفر لاڪو جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن مظاهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ استاد برادري جو قتل افسوس ناڪ آهي هڪ استاد جو قتل شعور جو قتل آهي اهڙن واقعن تي سنڌ جي استاد برادري خاموش نه رهندي مظاهرين چيو ته پ ت الف گهوٽڪي ضلعي جي صدر استاد ظفر لاڪو کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي ان کان اڳ به سنڌ جي مختلف شهرن ۾ استاد قتل ڪيا ويا آهن مظاهرين چتاءُ ڏنو ته فوري طور استاد ظفر لاڪو سميت سنڌ ۾ قتل ٿيل استاد برادري جي قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو هوڏانهن استاد برادري 7 مارچ تي ڊي آئي جي سکر جي آفيس آڏو پڻ احتجاج جو اعلان ڪري ڇڏيو

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي | ايڊيٽر اعجاز مهر | Reg No 2677 | ABC Certified | Daily SINDHYAR Karachi | NTN 4129440-8 | www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com